# اخلاق و کردار

[redacted]

گینہ آدب پبلیکیشن، حیدرآباد

# اخلاق ۽ ڪردار

(ٻيو ڇاپو)

آئينه ادب پبليڪيشن

هي ڪتاب تاج محل پرنٽنگ پريس ۾ ڇپيو ۽ جنيد احمد
عرساڻيءَ آئينه ادب پبليڪيشن مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا پبلشر وٽ محفوظ آهن.]

ڀهريون ڇاپو جولاءِ ١٩٦٩ع

ڪاپيون هڪ هزار

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: 4-00

---

هن ڪتاب جي خريداري بابت هيٺين پتي تي لکپڙهه ڪريو:

نشار احمد حافظ C/17-972, اتمچندائي گهٽي.
نزديڪ ڪورٽن جو ٻڙ حيدرآباد سنڌ.

# پيش لفظ

شاگردن ۾ عمدا اخلاق، نيڪ خصلتون ۽ سٺيون وصفون پيدا ڪرڻ لاءِ، هي ڪتاب ترتيب ڏنو ويو آهي. اسڪولي شاگردن ۽ ٻارن کي ڪيترو ئي سستو ادب آسانيءَ سان بازار ۾ هڪيو ٽڪيو موجود ملي ٿو، جن ۾ طلسماتي ڪهاڻين ۽ غير سماجي ڪردارن سان ڀرپور ڪتاب ڪثرت سان هوندا آهن.

هنن ڪتابن لکائي ڇپائڻ سان مقصد رکيو، اهو آهي ته تعليم ۽ سکيا جي قطع نظر، شاگردن جي سيرت ۽ ڪردار کي به سنوارين ۽ اجارين.

هي نيم تاريخي ۽ روايتي واقعات تي مبني ڪهاڻيون آهن، جن جا اڪثر ڪردار مسلمان خصوصاً عرب، ترڪ ۽ ايراني بادشاهه آهن. ايثار، خود قرباني، بهادري، همدردي ۽ نيڪ انساني جذبن تي ٻڌل ننڍيون ننڍيون آکاڻيون، واقعات جي رنگ ۾ پيش ڪيون ويون آهن، جنهنڪري نه رڳو آهي پڙهندڙ جي لاءِ انتهائي دلچسپيءَ جو باعث بڻجن ٿيون، بلڪ انهن جي دل و دماغ تي به هڪ خوشگوار تاثر ڇڏين ٿيون.

اميد ته نوجوانن، شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ هي اخلاقي ڪهاڻيون انتهائي سبق آموز ۽ نتيجه خيز ثابت ٿينديون.

( پبلشر )

( ١ )

# وڏي اُميد

خالد بن وليد، اسلامي لشڪر جو سپهه سالار ۽ هڪ وڏو مجاهد ٿي گذريو آهي. هن اٽڪل هڪ سؤ خونريز جنگين ۾ بهادريءَ ۽ مردانگيءَ جا جوهر ڏيکاريا. بدن تي ڪو به اهڙو هنڌ رهيل نه هوس، جتي تلوار يا نيزي جو زخم نه هجيس. آخري وقت ۾، جڏهن بيماري جي حالت ۾ بستري داخل هو تڏهن اکين ۾ ڳوڙها آڻي چيائين ته "منهنجي هميشه کان اها اميد هئي، ته جنگ جي ميدان ۾ وڙهي شهادت پايان پر افسوس جو منهنجي اها حسرت پوري نه ٿي ۽ اڄ آئون علالت جي بستري تي پنهنجي زندگيءَ جا آخري پساهه کڻان.

( ٢ )

# بي ڊپو بزرگ

اورنگزيب جي زماني ۾ مولانا علاوالدين هڪڙو ناليرو بزرگ هو، جو ان وقت هڪ ديني عالم مڃيو ويندو هو. جڏهن اورنگزيب شاهجهان کي نظربند ڪرڻ ۽ ڀائرن کي قتل ڪرڻ بعد تخت نشين ٿيو، تڏهن هڪڙي موقعي تي، پنهنجي ڪارگذارين کي صحيح

۽ جائز ثابت ڪرڻ لاءِ چپائين ته ”مون دنيا جي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ ائين نه ڪيو آهي، بلڪ ماڻهن جي فائدي ڪاڻ ئي سلطنت سنڀالي اٿم.“

جيڪي به مجلس ۾ حاضر هئا، تن ڪي شاهي دٻدٻي جي اڳيان ڪجهه به ڪڇڻ جي همت ئي ڪانه ٿي ۽ هرڪنهن بادشاهه جي قدم جي تائيد پئي ڪئي.

مولانا علاوالدين به مجلس ۾ حاضر هو. هن پنهنجي جاءِ تان اٿندي، علي الاعلان پڪاريندي چيو ته ”جو شخص پنهنجي پيءُ کي قيد ڪري سگهي ٿو ۽ ڀائرن کي قتل ڪري سگهي ٿو. آن مان جيڪڏهن عوام کي فائدو پهچي سگهي ٿو ته اها نهايت ئي عجيب ڳالهه چئبي.“

## ( ٣ )

# ٻڍيءَ عورت جي بي ڊپائي

مامون الرشيد جي دربار ۾ هڪ ٻڍڙيءَ عورت دانهيندي چيو ته ”هڪ ظالم منهنجي جائداد مون کان ڦري ورتي آهي“. خليفه پڇيو ته آهو ظالم ڪير آهي؟ ٻڍڙيءَ ورائيو ته آهو ظالم اوهان جي پر ۾ ويٺو آهي. مامونءَ ڏٺو ته اهو سندس پٽ عباس هو. خليفي عباس کي حڪم ڏنو ته هو عورت جي پرسان بيهي جواب ڏئي. حڪم جي تعميل ڪندي، هو سامهون اچي بيٺو ۽ هيڪي هيڪي ڳالهائڻ لڳو. مگر ان جي برعڪس پوڙهي زال نهايت بي ڊپائيءَ سان زور زور سان پئي

بيان ڏنو، جنهن تي درٻارين ٻڍيءَ کي روڪيو ته اهڙي بي ادبي سان گفتگو نه ڪري. مامون درٻارين کي منع ڪئي ۽ چوڻ لڳو ته ٻڍيءَ کي ڳالهائڻ ڏيو. سچائيءَ جي ڪري ئي هوءَ اهڙي بي ڊپائي سان ڳالهائي رهي آهي ۽ عباس نجي جرم، سندس زبان کي ڪند بنائي ڇڏيو آهي. پوءِ ٻڍيءَ جي حق ۾ فيصلو ڪندي ان جي جائداد کي واپس ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ عباس کان جرمانو به ٻڍيءَ کي ڀرائي ڏنو.

(٤)

# جرنيل جي ناڪ بندي

هارون الرشيد جي سپه سالار جو نالو عيسيٰ هو. ڪو شخص قرض لهڻدو هوس، جو ڀرڻ کان پيو نٽائيندو هو، جنهن ڪري هُن قاضيءَ جي عدالت ۾ دعويٰ دائر ڪئي. قاضيءَ رقعو موڪلي سپه سالار کي عدالت ۾ طلب ڪيو. مگر هن ڪاوڙ ۾ اچي رقعو ڦاڙي ڇڏيو ۽ ڪو به جواب نه ڏنو. قاضيءَ ٻيو دفعو رقعو موڪليو ليڪن سپهه سالار اهو به ڦاڙي ڇڏيو ۽ لهڻيدار ۽ قاضيءَ ٻنهي کي کهٽ وڏ ڳالهايو. قاضيءَ ٽيون ڀيرو به سڏايو مگر هن وري به ساڳي ڪار ڪئي. تڏهن قاضي عدالت جي ڪمري کي تالو چاڙهي وڃي گهر ويٺو. خليفي کي اطلاع ملڻ سان، قاضيءَ کي سڏايو ويو، جنهن سارو واقعو ٻڌايو. هارون الرشيد انهيءَ وقت ڪوتوال کي حڪم ڏنو ته عيسيٰ جي گهر کي

ٽالو چاڙهيو ويو ۽ چئن ئي طرفن کان جرنيل جي
ناڪي بندي ڪئي ويئي، جيسين تائين هو پيسا نه
موٽائي. عيسيٰ جي گهر کي جڏهن چوڌاري گهيريو
ويو، تڏهن سندس مائٽن کي پتو پيو ۽ گرفتاريءَ جي
خوف کان انهن ۾ ڪهرام مچي ويو. عيسيٰ به ڏاڍو
گهٻرايو ۽ قرض دار جا روپيه چڪائي پنهنجا بند
خلاص ڪرايا.

( ٥ )

# خون جو بدلو

ترڪيءَ جو هڪ سلطان شڪار جي لاءِ جهنگل
۾ ويو. پريان دڙي تي هڪ پکي نظر آيس. سلطان
نشانو هڻي، تير ڇوڙيو ۽ ان کي ڪيرايائين. خادم
جڏهن شڪار کڻڻ لاءِ ڊوڙي وڃي رسيا، تڏهن
ڏٺائون ته اهو پرندو نه هو بلڪ هڪ ننڍڙي ٻار جو
لاش هو. سلطان جڏهن ٻار جو لاش ڏٺو، تڏهن تمام
گهڻو ڏک ٿيس. واپس تختگاهه پهچي، ملازمن کي
ڊوڙايائين ته ٻار جي والدين جي ڳولا ڪن. معلوم ٿيو
ته ٻار جي ماءُ ته گذاري وئي آهي ليڪن پيءُ جيئرو
اٿس، جنهن کي سلطان جي سامهون آندو ويو. سلطان
وٽ هڪڙي طرف کان ته تلوار رکي هئي ۽ ٻئي طرف
کان سون ۽ جواهرن سان ڀريل هڪ ٿال رکيو هو.
سلطان ٻار جي پيءُ سان مخاطب ٿي چيو ته ”مون
کان ناداني ٿي، هي ٻئي شيون تنهنجي سامهون آهن،

چاهين تہ تلوار سان بدلو وٺ ۽ چاهين تہ ڏنڊ وٺ، جيئن هتي ڪي انصاف ٿي وڃي، ڇو تہ قيامت جي عتاب سهڻ جي مون ۾ پهچ ڪانهي".

سلطان جي اصرار ڪرڻ جي باوجود بہ هار جي پيءُ خون بها وٺڻ کان انڪاري ٿيو. تڏهن سلطان زر جواهر سان ڀريل ٿال ۽ ٻيو بہ گهڻو ئي انعام سندس گهر پهچايو.

( ٦ )

# لشڪر کي دعوت

جڏهن عرب مسلمانن ايراني فوجن کي شڪست ڏني، تڏهن ايران جا رئيس ۽ سردار خراج کڻي اچي حاضر ٿيا ۽ اطاعت ۽ فرمانبرداري قبول ڪيائون. ازانسواءِ فاتح لشڪر جي اعزاز ۾ هڪ دعوت پڻ ڏنائون. ابو عبيده، جو لشڪر جو سپهسالار هو، تنهن دعوت ڪندڙ ايراني سردارن کي چوائي موڪليو تہ "اسان انهيءَ صورت ۾ اوهان جي دعوت قبول ڪنداسون، جو جيڪو کاڌو مون لاءِ يا وڏن فوجي آفيسرن لاءِ هوندو، سو ساڳيو ئي عام سپاهي لاءِ بہ هوندو." منهنجي ۽ لشڪر جي هر سپاهي لاءِ ساڳيو ئي طعام هجي، اگر ذرو بہ فرق هوندو تہ پوءِ اسان کاڌو نہ کائينداسون.

ان ڪري ايراني سردارن کي پرتڪلف دعوت جو بندوبست ڪرڻو پيو ۽ هر ادني سپاهي لاءِ بہ بهترين قسم جو کاڌو تيار ڪيو ويو.

(٧)

# نصيحت جو اثر

خليفي مهدي پنهنجي وقت ۾ هڪ نهايت ئي عمدو محلات تعمير ڪرايو. پوءِ عام ۽ خاص ماڻهن کي، اُن محلات ڏسڻ جي اجازت ڏنائين. خليفي جو مقصد هو ته شايد ڪو ماڻهو اُن مان نقص پڌائي وڃي، جنهن کي دور ڪري ڇڏجي. هڪ فقير به اهو محلات ڏسڻ آيو، ڏسڻ کان پوءِ خليفي کي چوڻ لڳو ته ان ۾ ٻه نقص آهن. هڪ اهو ته اوهان ان ۾ هميشه لاءِ نه رهندؤ ۽ ٻيو نقص هيءُ آهي ته اهو محلات خود به سدائين لاءِ قائم نه رهندو.

خليفي تي فقير جي ڳالهه جو تمام گهڻو اثر ويٺو. ۽ هن محلات کي غريبن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو.

(٨)

# ڪڪڙن جا نونگا

سلطان الپتگين غزنيءَ جو بادشاهه هو. هڪڙي ڏينهن هو پنهنجي مملڪت ۾ گهمي رهيو هو. جتو ڏٺائين ته سندس چند ملازم هٿن ۾ ڪڪڙ کنيو پيا وڃن. بادشاهه جي پڇا ڪرڻ تي چيائون ته هنن ڪڪڙ پر واري ڳوٺ مان خريديا آهن. بادشاهه به هنن سان ڳوٺ پهتو، معلوم ٿين ته سرڪاري ملازم ڳوٺاڻن کان ڪڪڙ نذراني طور ورتا آهن. الپتگين حڪم

ڏنو ته ملازمن جي ڪنن ۾ سوراخ ڪري ڌاڳا وڌا وڃن، پوءِ انهن ڌاڳن سان ڪڪڙن کي ٻڌي لٽڪايو وڃي ۽ ساري شهر ۾ انهن ملازمن کي گهمايو وڃي جيئن ٻيا عبرت حاصل ڪن. هڪدم حڪم جي تعميل ٿي.

ڪڪڙن کي لٽڪايائون، ته اهي ساري واٽ، ڦڙڦڙائيندا رهيا ۽ پنهنجي چهنبن سان ملازمن جي ڪنن کي پٽيندا رهيا. ايتريقدر جو ٿونگن ڪري ڪن جا ڪَنَ سرخ ٿي ويا، ته ڪن جا ماڳهين رتورت ٿي پيا.

( ٨ )

# شيرشاهه جو انصاف

شيرشاهه سوري هندستان جو بادشاهه هو. هن جي پٽ جلال خان، هڪ هندو ڇوڪريءَ اندرا سان، جا دريا تي پاڻي ڀري رهي هئي، ڇيڙڇاڙ ڪئي. اندرا پنهنجي پيءُ گوپال سان ان جو ذڪر ڪيو. گوپال ڇوڪريءَ کي ساڻ ڪري سلطان وٽ آيو ۽ سڄو قصو ڪري ٻڌايو. شيرشاهه کي پٽ جي ان حرڪت تي سخت ڪاوڙ آئي ۽ ان کي هڪدم دربار ۾ گهرايو. جلال خان پنهنجو ڏوهه باسيندي معافي گهري. مگر بادشاهه معافي ڏيڻ کان صفا انڪار ڪري ڇڏيو ۽ حڪم ڏنائين ته هن جي زال به دريا تي بي پردي ٿي پاڻي ڀري ۽ اندرا جو مڙس ساڳيءَ طرح ان سان ڇيڙڇاڙ ڪري جيئن جلال خان ڪئي هئي.

شيرشاهہ جو اهو منصفانہ فيصلو ٻڌي سڀئي درباري حيران رهجي ويا. آخرڪار اندرا جي پيءُ جي منٿ مڙ تي، بادشاهہ پٽ کي معاف ڪيو.

( ١٠ )

# ٻيڏِيءَ جو شان

نوشيروان عادل هڪ محل ٺهرائڻ چاهيو ٿي. مگر جنهن هنڌ تي محل تعمير ڪرڻو هو آني پاسي کان هڪ ٻيڏِيءَ جي جهوپڙي بہ بيٺل هئي. اگرچہ محل تعمير ٿئي ها تہ اهڙا جهوپڙي ان جي زيب ۽ زينت بگاڙڻ جي باعث بڻجي ها. نوشيروان ٻيڏيءَ کي سڏائي چيو تہ "انهيءَ جهوپڙيءَ جي عيوض جيتري رقم چاهين سا مون کان وٺ" ٻيڏِيءَ جواب ڏنو "توهان مالڪ آهيو. منهنجي لاءِ اها ئي سڀ کان وڏي دولت آهي جو ايندي ويندي توهان جي صورت ڏسان." بادشاهہ کي اهو جواب ڏاڍو پسند آيو. حڪم ڏنائين تہ محل تجويز ڪيل جاءِ تي تعمير ڪيو وڃي ۽ ٻيڏِيءَ جي ڪچي گهر کي ڪو بہ نقصان نہ رسايو وڃي، محل تعمير ٿي وڃڻ کان پوءِ نوشيروان آن ۾ دربار لڳائيندو هو. ڪو بہ عام ماڻهو محل جي قريب نہ اچي سگهندو هو. مگر ٻيڏِي نهايت بي فڪريءَ سان هلندي چلندي هئي. هن وٽ هڪ ڳئون بہ هئي. جنهن کي محل جي ويجهو چارو ڪارائيندي هئي ۽ جنهن جو ڇيڻو بہ

آسپاس ۾ پيو هو. ليڪن ڪنهن به شاهي ملازم کي طاقت نه هئي جو ٻيڙيءَ کي ڪجهه ڇئي سگهي.

( ١١ )

# بادشاهه بادشاهه جو فرق

يرموڪ جي جنگ تي رهي هئي. حضرت خالد بن وليد کي روم جي شهنشاهه جي دربار ۾ گفتگو ڪرڻ لاءِ وڃڻو پيو. جڏهن دربار ۾ پهتو ته رومي سپهه سالار باهان ڳالهه ٻولهه شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ حضرت عيسيٰ جو ذالو ورتو ۽ پوءِ روم جي شهنشاهه جو قسم کڻي تڪبر سان چوڻ لڳو ته اسان جو بادشاهه سڀني بادشاهن جو سرموڙ آهي. حضرت خالد وچ ۾ ئي ڳالهه ڪٽي ڪندي چيو ته ”ائين هوندو مگر اسان جي سردار جي، دل ۾ هڪ لمحي لاءِ به جيڪڏهن بادشاهيءَ جو خيال اچي ته اسين فوراً ان کي معزول ڪري ڇڏيون.

( ١٢ )

# ڀلو ۽ برو

عمر بن عبدالعزيز پنهنجي دور خلافت ۾، ڪوفي جي حاڪم کي لکيو ته عدل، انصاف ۽ سهڻو سلوڪ دين جا بنياد آهن. ڍل وصول ڪرڻ، وقت غيرآباد زمين ۽ آباد زمين جو لحاظ رکندو ڪر. غيرآباد زمين جي پيداوار چڱيءَ طرح جاچ پڙتال ڪر، پوءِ آپت

سارو ڍل وصول ڪري ان کي آباد ڪرائڻ لاءِ پوري ڪوشش وٺ. آباد زمين مان جيڪا ڍل وٺين سا به نرميءَ سان وصول ڪر ۽ وصولي وقت آبادگارن جي سهولت جو به خيال رک.

يزيد بن عبدالملڪ خلافت جي مسند تي ويٺو، ته عمر بن عبدالعزيز جي زماني ۾ مقرر ڪيل سڀني حاڪمن کي برطرف ڪري ڇڏيو ۽ نون حاڪمن کي لکيائين ته ”ابن العزيز جي پاليسي ڪامياب ٿي نه سگهي. هن جي طريقي ۽ طرز عمل مان ڍلن ۽ خراج جي آمدني کي گهڻو نقصان پهتو آهي. لهذا توهان اُهو ئي پهريون طريقو شروع ڪريو. ماڻهو خوشحال هجن يا ڏکاريل. سرڪاري حڪم کي پسند ڪن يا نه ڪن، توهان انهن جي پرواهه نه ڪريو.

( ١٣ )

# نيڪ زال

فاطمه، عمر بن عبدالعزيز جي زال ۽ مشهور اموي خليفي عبدالملڪ بن مروان جي ڌيءَ هئي. نڪاح کان پوءِ هوءَ قيمتي لباس ۽ ڪجهه ڳهه ڳٺا پائي خاوند وٽ آئي، جو ان وقت خليفو هو. ليڪن هن جي جسم تي هڪ سادو لباس پهريل هو. ۽ بيگم نهايت زرق برق لباس

۽ پيرن کان چوٽيءَ تائين زيورن سان سينگاريل هئي.
خليفي ابن العزيز چيو ”فاطمہ تنهنجا زيور ڪيترا نہ
قيمتي آهن، انهن جي چمڪ سان تہ منهنجون اکيون
پيون چنڊجن. مان ڀانيان ٿو تہ هي سڀئي تو کي پيءُ
وٽان مليا آهن.“ فاطمہ چيو تہ اميرالمومنين جو خيال
صحيح آهي. خليفي وراڻيو تہ ”فاطمہ اڄ تنهنجي ۽
منهنجي وچ ۾ فيصلي جو ڏينهن آهي. مون کي جو
فيصلو ڪرڻو هو، سو ڪري ڇڏيم ۽ هاڻي تو کي
پنهنجي متعلق فيصلو ڪرڻو آهي.

فاطمہ پڇيو ”حڪم ڪريو، ڪهڙو فيصلو ڪيو اٿو؟

چيائين تہ ”اهي زيور جي اڄ تنهنجي جسم تي
نظر اچن پيا، سي نہ تنهنجا آهن ۽ نہ منهنجا بلڪ
بيت المال مان خريديا ويا آهن ۽ ناجائز طور تي جوڙايا
ويا آهن.. ان ڪري اهي بيت المال ۾ موٽائي ڏيڻ کپن.
هاڻي تون فيصلو ڪر، تہ ڇا ٿي چاهين. جيڪڏهن تنهنجو
فيصلو منهنجي مرضي موافق آهي تہ بهتر نہ تہ تنهنجو
رستو الڳ آهي ۽ منهنجو الڳ. يا زيورن کي
ڇڏڻو پوندئي يا مون کي. آءُ اهو گوارا نہ ڪري
سگهندس تہ زيور تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ديوار بڻجن.

فاطمہ وراڻيو. ”اميرالمومنين، جو فيصلو توهان جو
آهي سو ئي منهنجو آهي. واقعي هيءُ زيور بيت المال
جي ملڪيت آهن. ۽ اوهان انهن کي اوڏانهن موڪليو.

بلڪ هر آها شي جا منهنجي ذاتي خريد آهي ۽ جائز طور تي منهنجي پنهنجي آهي اگر اوهان ان کي به بيت‌المال ۾ داخل ڪرڻ چاهيو ته مون کي ڪو به اعتراض نه ٿيندو.

فاطمه جي اهڙي جواب تي عمر بن عبدالعزيز جو فڪرمند چهرو خوشيءَ کان چمڪڻ لڳو. فاطمه انهيءَ وقت، سيئي ڳهه لاهي ڇڏيا ۽ خليفي جي حڪم سان آهي بيت المال ۾ جمع ڪيا ويا.

( ۱۴ )

# نيڪ خليفو

عمر بن عبدالعزيز رضه کي خليفو چونڊيو ويو ته پاڻ، ماڻهن اڳيان ٻيهي هيئن خطاب ڪيائين.

”دوستو! مون کان راءِ وٺڻ کان سواءِ ئي، توهان مون تي خلافت جو بار وڌو آهي. مون ان لاءِ خواهش نه ڪئي هئي، جو عام ماڻهن کان به مشورو نه ورتو ويو ۽ هاڻي منهنجي مجتا جو طوق، جو توهان سڀني جي ڳچيءَ ۾ وڌل آهي، سو آئون خود ڪڍي ڇڏيان ٿو، توهان جنهن کي پسند ڪريو ان کي خليفو چونڊيو.“

سندن اهو ارشاد ٻڌي ماڻهن بلند آواز سان چيو ته ”اسان توهان کي ئي خليفو منتخب ڪيو آهي.“ آن

تي خليفي عمر رضہ وراڻيو تہ ”مون کي ان ڳالھہ جو اعتراف آهي تہ آئون ڪنهن حالت ۾ توهان کان بهتر نہ آهيان ليڪن خلافت جو بار مون تي وڌو ويو آهي. ڇڏي ڇڏيو. جيستائين آئون خداتعاليٰ جي فرمانبرداري ڪندو رهان، توهان بہ منهنجي اطاعت ڪريو، ۽ نافرماني ڪريان تہ پوءِ منهنجي اطاعت توهان تي فرض ناهي.“

( ١٥ )

# دشمن جي تعريف

روم جي شهنشاهہ کي جڏهن عمر بن عبدالعزيز جي وفات جي خبر ملي، تہ کيس گھڻو ڏک پھتو. هن جون خوبيون پنهنجي دوستن سان هر هر پئي بيان ڪيون. چيائين تہ ”حضرت عيسيٰ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو بہ شخص مردن کي جياري سگھڻ جي صلاحيت رکندو هو تہ اهو عمر بن عبدالعزيز ئي ٿي سگھيو ٿي. هو ئي اهو معجزو ڏيکاري سگھيو ٿي. شهنشاهہ چيو تہ آئون ان راهب کي چڱو نٿو ڄاڻان، جو دنيا کي ڇڏي، ڪنهن گرجا جي ڪنڊ ۾ ويٺو عبادت ڪندو آهي. بلڪ مان تہ اُن راهب (عمر بن عبدالعزيز) کي ڏسي حيران ٿيندو هوس، جنهن جي قدمن ۾ دنيا پئي هئي پر پوءِ بہ هو راهبانہ زندگي گذاريندو هو.

( ١٦ )

# ماڙهو ناجائز طريقي سان دولت ڇو ڪمائي؟

هڪ ڀيري ڪي امير عمر بن العزيز وٽ، مهمان ٿي ترسيا. پاڻ بورچيءَ کي چيائون ته کاڌو دير سان آڻي. جڏهن کاڌي جو وقت ويجهو آيو. تڏهن مهمانن کي بک لڳي ۽ ماني نه ڏسي پريشان ٿيڻ لڳا. عمر بن العزيز به اها ڳالهه مهمانن جي چهري مان تاڙي، مگر مانيءَ ۾ اڃا به دير ڪرائي. آخر جڏهن بک گهڻو پريشان ڪين تڏهن خود ئي بورچيءَ کي چيائون ته جيڪي ڪجهه به حاضر هجي اهو ئي کڻي اچي. بورچي ڪجهه کجور ۽ ستو ڦل کڻي آيو. مهمان خوب مزي سان کائڻ لڳا، ايترو کاڌائون جو پيٽ ڀرجي ويس.

ڪجهه دير کان پوءِ اصل کاڌو به آندو ويو جنهن جنهن ۾ قسمين قسمين لذيذ شيون هيون. مگر مهمانن چيو ته اسان جو پيٽ ڀرجي چڪو آهي. ۽ هو نه کائيندا. ليڪن خليفي جي اصرار ڪرڻ تي ٻه ٻه ٽي ٽي گراهه کڻي، هٿ ڪڍي ورتائون. چيائون ته کجورن ۽ ڦل سان پيٽ ڀرجي چڪو آهي ان ڪري هاڻي هي لذيذ کاڌا به نٿا کائجن.

خليفي چيو ته ”جڏهن اهڙي سادي غذا به انسان جي پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪافي آهي ته پوءِ پيٽ ڀرڻ لاءِ عمدي غذا جي خاطر، ماڻهو ناجائز طريقي سان دولت ڇو ڪمائي؟

انهيءَ نصيحت جو مهمانن تي تمام گهڻو اثر ٿيو ۽ سندن اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

( ١٧ )

# عدل وارو سلوڪ

هڪ ڀيري ڪوفي جي گورنر جي مجلس ۾ ڪنهن شخص عمر بن عبدالعزيز کي گار ڏني. گورنر هڪدم ان شخص کي گرفتار ڪيو ۽ خليفي کي لکيو تہ مان چاهيو ٿي ته هن شخص جو گردن لاهي ڇڏيان ڇو ته هن توهان کي گار ڏني آهي، مگر في الحال مون هن کي قيد ڪيو آهي. توهان لکو تہ هن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو وڃي؟

خليفي جواب لکي موڪليو ته اگر تون هن کي قتل ڪرين ها، ته آئون توکان ان جو بدلو چڪايان ها. توکي هروڀرو جيڪڏهن بدلو وٺڻو ئي آهي ته تون فقط گار جو جواب گار سان ڏئي سگهين ٿو ۽ ان کان وڌيڪ توکي ڪو حق نٿو رسي ان ڪري هن کي آزاد ڪري ڇڏ.

( ١٨ )

# ڏون چريو آهين

عمر بن عبدالعزيز، هڪ رات جو مسجد ۾ ويو. اتي هڪ شخص ستو پيو هو. اونداهه ۾ سندس پير ان شخص جي بدن سان وڃي لڳو، جنهن تي هن ڪنڌ مٿي ڪڍي چيو ته ”چريو آهين ڇا؟“ خليفي هڪدم جواب ڏنو ته ”نه“. ساڻس گڏ محافظ به هو، جنهن کي ڪاوڙ اچي وئي ته هيءُ شخص هڪ ته وچ ۾ رستو روڪيو ليٽيو پيو آهي ۽ پيو وري خليفي سان اهڙي اڏنگي نموني سان مخاطب ٿيو آهي. خليفي محافظ کي روڪيو ۽ چيو ته ڪاوڙ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. هن پڇيو ته تون چريو ته نه آهين، مون چيومانس ته ’نه‘ ڳالهه ختم. جهيڙي جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

( ١٩ )

# ڪمال بي نيازي

صفوان بن سليم مديني جو مشهور فقيهه هو ۽ سدائين تنگ دست گذاريندو هو. هڪ دفعي خليفه عبدالملڪ سندس غربت جو خيال ڪري، پنج سؤ دينارن جي هڪڙي ٿيلهي، هڪ غلام جي هٿان موڪلي ڏني.

غلام هن جي خدمت ۾ پيش ڪندي چيو ته خليفةالمسلمين اوهان جي گذارن لاءِ هيءَ موڪلي آهي. صفوان چيو ته توکان غلطي ٿي آهي، ڪنهن ٻئي کي موڪلي هوندائين. غلام پڇيو ته ڇا توهان جو نالو صفوان ڪونهي. چيائين ته ها منهنجو نالو ته برابر ساڳيو آهي مگر تون ٻيو دفعو وڃي پڇي پڪ ڪري اچ. غلام پڇڻ لاءِ ويو ته پاڻ موقعي کي غنيمت ڄاڻي. اُتان هليو ويو.

( ٢٠ )

# ڏاڍا پوڙهو

هارون‌الرشيد پنهنجي وزير سان گڏ شڪار ڪري رهيو هو ته هڪڙي جهور پوڙهي تي نظر پيس جنهن زمين ۾ ٻوٽي جو قلم ٿي لڳايو. هارون‌الرشيد ويجهو وڃي پڇيس ته "ٻيڙا تنهنجي ڄمار ڪيتري هوندي؟" پوڙهي وراڻيو ته "چار سال" وزير غضبناڪ ٿيندي چيو ته "اميرالمومنين جي سامهون بيهودو نه ڳالهاءِ ٺيڪ ٺيڪ جواب ڏئي. پوڙهي چيو ته "نه آئون بيهودو ٿو ڳالهايان ۽ نه وري ڪو غلط چيو اٿم، عقل وارا چائين ٿا ته بني اميه جي زماني ۾ جا عمر گذري آهي سا ڪنهن به شمار ۾ نه آهي. منصور جو دور حڪومت به هنگامن ۾ گذريو ۽ خلق خدا خوف ۽ دهشت جي

زندگي بسر ڪندي رهي ان ڪري ان عرصي کي به شمار ڪري نٿو سگهجي. البته ٻه سال مهدي جي عهد ۾ ۽ ٻه سال اميرالمومنين جي عهد ۾ آرام سان بسر ٿيا آهن. لهذا مان به پنهنجي اصل عمر رکو چار سال ئي سمجهان ٿو". ٻيڙي جي ڳالهه هارون کي بيحد پسند آئي ۽ هڪ هزار دينار انعام ڏنائينس. پوءِ وري هن ٻيو سوال ڪيو پڇيائين ته "ٻيڙا هي وڻ جو تو اڄ لڳايو آهي سو ڪڏهن ڦل ڏيندو. ٻيڙي چيو ته "بزرگن جي لڳايل وڻن مان اسان ڦل کاڌو ۽ اسان جي لڳايل وڻن جا ڦل وري ماڻهو کائيندا".

هارون ان جواب تي ڏاڍو محظوظ ٿيو ۽ ٻيو ڀيرو به هڪ هزار دينار ڏنائيس. پوڙهي دينار وٺندي چيو ته "عام طور هرڪو وڻ ڏهن سالن کان پوءِ ئي ڦل ڏئي ٿو، مگر اميرالمومنين جي نگاهن جي ڪرم سان اڄ ئي وڻ ڦل به ڏيڻ لڳو."

هارون مرحبا چوندي ٽيون ڀيرو به هڪ هزار دينارن جي ٿيلهي پوڙهي کي هٿ ۾ ثمائي ڏني. پوءِ جلدي گهوڙي جي واڳ موڙي هلڻ لڳو ۽ ٿورو پري وڃي وزير کي چوڻ لڳو ته "اگر هن پوڙهي کان جي هڪ ٻه ٻيون ڳالهيون پڇيونس ها ته پنهنجو ڪيسو خالي ڪري ڇڏي ها."

( ٢١ )

# سياڻو جرنيل

مسيلم بن عبدالملڪ، ڪنهن جنگ ۾ هڪ قلعي جو گهيرو ڪيو ويٺو هو. ڪيترا ڏينهن لنگهي ويا پر قلعو فتح ٿيڻ ۾ نه آيو. مسيلم ۽ ان جو لشڪر به تمام گهڻو پريشان هئا ڇاڪاڻ جو قلعي ۾ داخل ٿيڻ جي ڪابه صورت نظر نه آئي. اتفاق سان هڪ ڪتو لشڪر ۾ گهمندو نظر آيو. دريافت ڪرڻ تي به معلوم ٿي نه سگهيو ته اهو ڪٿان آيو آهي. لشڪر وارن ۾ به ڪنهن وٽ ڪتو ڪونه هو، ۽ نه ڏي ٻاهران اچي سگهيو ٿي. مسيلم کي يقين ٿي ويو ته ڪتو ضرور قلعي جي اندران آيو آهي ۽ ڪو ڳجهو رستو ضرور هوندو جتان اهو ٻاهر آيو آهي. سپاهين ٻاهرين پٽ جي هڪ هڪ ڪنڊ جاچي ڏٺي، مگر ڪا درز به نظر نه آئي. وري جڏهن ڪتي کي ڳوليائون ته ڳولا ڪرڻ جي باوجود به ان جو پتو نه پيو، جنهن مان ثابت ٿيو ته ڪتو جنهن رستي کان آيو هو، انهيءَ رستي کان وري قلعي اندر وڃي هليو.

مسيلم حڪم ڏنو ته ڇهڙي جي پراڻي ڳوڙ‌ريءَ تي گيهه مليو وڃي ۽ ان ۾ ڇٽا پـري پـري ڪنهن جاءِ تي رکي وڃي، جتي آسپاس ۾ ڪنهن به سپاهي جي اچ وڃ نه هجي.

ٻئي ڏينهن ڪتو وري آيو ۽ ٽيلهي ڪٽي وڌو هليو، جنهن رستي کان هلندو ويو، انهيءَ رستي تي چٽا پکڙبا ويا پئي. مسيلمه داڻن جي نشان تي هلندو هڪ اهڙي جاءِ تي اچي پهتو، جتي ڀت ۾ هڪ ڳجهي سرنگهه نظر اچڻ لڳي. مسيلمه ۽ سندس سپاهي انهيءَ سرنگهه جي ذريعي قلعي ۾ داخل ٿي ويا ۽ هڪ ڪتي جي رهنمائي سان اهڙو مضبوط ۽ ناقابل تسخير قلعو فتح ٿي ويو.

( ٢٢ )

# خليفه ۽ شاعر

هارون الرشيد ڪن دوستن کي دعوت ڏني ۽ هڪ شاعر کي به سڏايائين جو هن موقعي تي شعر ٻڌائي. شاعر اول هڪ شعر پڙهيو، جنهن جو مطلب هو ته ”خدا ڪري تنهنجي زندگي شان ۽ شوڪت ۽ حقيقي خوشيءَ سان گڏ گذري. شاعر وري ٻيو شعر پڙهيو جنهن جو مطلب هو ته: ”منهنجي دعا آهي ته تنهنجي هر ادني خواهش تنهنجي دعا گهرڻ کان اڳ ۾ ئي قبول ٿيندي ڪري.“

هارون هن شعر تي به خوش ٿيو.

ٻن شعرن بعد وري هن ٽيون شعر پڙهيو، جنهن جو مطلب هو ته ”جڏهن موت وقت تنهنجو دم گهٽجڻ

لڳندو تڏهن توکي خبر پوندي تہ هيءُ دنيا فاني ۽ سراسر دوکو آهي."

ان شعر، هارون تي رقت طاري ڪري ڇڏي ۽ هن جا ڳوڙها جاري ٿي ويا.

( ٢٣ )

## سون چاندي گڏ ڪندڙ

مالڪ بن ثعلبہ وٽ تمام گهڻي دولت هئي. هن هڪ ڏينهن رسول ڪريم کي هڪ آيت پڙهندي ٻڌو. (جنهن جو ترجمو آهي) تہ جيڪي ماڻهو سون چاندي گڏ ڪن ٿا، تن جي پيشانين کي انهن سان داغيو ويندو.

مالڪ اها آيت ٻڌي تہ چيو "اڄ شام کان پوءِ سون وٽ هڪ ڪوڏي بہ نہ رهندي ڇو تہ سون چاندي گڏ ڪندڙ واقعي لعنتي آهن." گهر اينديءَ ئي هن سمورو مال خدا جي راهہ ۾ ڏئي ڇڏيو.

( ٢٤ )

## قرض وٺي خيرات

عبدالله بن عمر وٽ هڪ ڀيري ويهہ هزار درهم آيا. هن سڀ جا سڀ محتاجن ۾ ورهائي ڇڏيا. جڏهن وٽس ڪجهہ بہ نہ رهيو تڏهن ڪي پيا بہ گهرجاڻو ۽ بي پهچ ماڻهو خيرات لاءِ وٽس آيا. هن انهن کي مايوس موٽائڻ

پسند نہ ڪيو ۽ جن ماڻھن ۾ پئسا تقسيم ڪري چڪو هو، انهن کان ڪجهہ رقم قرض طور حاصل ڪري، دير سان آيلن کي ورهائي ڏنائين.

( ٢٥ )

# بن دشمنن سان مقابلو

روم جي شهنشاهہ کي معلوم ٿيو تہ عبدالله بن مروان ۽ معصب بن زبير پاڻ ۾ جنگ ڪرڻ وارا آهن. رومي شهنشاهہ جي جيئن تہ عبدالملڪ سان دشمني هئي، تنهنڪري پنهنجي درٻارين کان صلاح پڇيائين تہ ڇا ان موقعي مان ڪو فائدو وٺي سگهجي ٿو.

درٻارين مشورو ڏنو تہ بادشاهہ کي هڪدم عبدالملڪ جي علائقي تي چڙهائي ڪرڻ کپي، هو جيئن تہ مصعب سان جنگ ۾ ڦنديل هوندو تنهنڪري کيس شڪست ڏيڻ ۾ ڪاميابي ٿيندي.

بادشاهہ ان مشوري کي غلط قرار ڏيندي چيو تہ جيتوڻيڪ هو هڪٻئي جا دشمن آهن مگر ضروري آهي تہ جڏهن اسين انهن مان هڪڙي تي حملو ڪريون تہ ٻيو بہ منهنجي خيرخواهي ڪري.

پوءِ رومي شهنشاهہ بہ ڪتا گهرايا ۽ تورو گوشت انهن جي اڳيان رکيو ويو. ٻئي ڪتا پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا.

پوءِ وري هڪ لومڙي کي آندائون. ڪتن جو لومڙيءَ کي ڏٺو ته پاڻ ۾ وڙهڻ ڇڏي، سڀئي ان تي ٽٽي پيا، ۽ ڏسندي ڏسندي هڪدم لومڙيءَ جون پوليون پوٽيون ڪري ڇڏيائون. ان تي بادشاهه درٻارين سان مخاطب ٿي چيو ته ”منهنجي ۽ عبدالملڪ جي جنگ جو به اهو ئي حال ٿيندو اگر مون هن جي سلطنت تي حملو ڪيو ته سڀئي دشمن پاڻ ۾ صلح ڪندا ۽ گڏجي منهنجو مقابلو ڪندا ۽ توهان کي بخوبي خبر آهي اهڙي زوردار حملي جو آئون تاب جهلي نه سگهان ها.“

( ٢٦ )

# فرض شناسي

رومين سان جنگ ڪرڻ لاءِ، جو لشڪر روانو ڪيو ويو هو، ان جو سردار خالد بن وليد هو. جڏهن زوردار جنگ لڳي ۽ رڻ رت سان ڳاڙهو ٿيڻ لڳو ته عين ان وقت حضرت عمر جو حڪم پهتو ته خالد بن وليد سپهه سالاريءَ تان معزول ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي جاءِ تي ابو عبيده کي مقرر ڪيو ويو آهي. حڪم پڙهڻ شرط، حضرت خالد مخصوص پٽو لاهي، ابو عبيده ڏانهن وڌايو ۽ پاڻ هڪ عام سپاهي وانگر جنگ ۾ مشغول ٿي ويو. سندس پيشاني تي ڪو به گهنج يا سر نه آيو، جنهن مان هن جي ناراضگي ظاهر ٿئي.

هڪ سپاهي حضرت خالد ڏانهن وڏي چيو ته ”هاڻي توهان ڇو ٿا وڙهو؟ لشڪر ۾ رواجي سپاهي ٿي وڙهڻ سان اوهان جي ڪهڙي عزت رهندي.“

حضرت خالد جواب ڏنو ته ”بيوقوف آئون ڪو عمر خاطر يا سپهه سالار هئڻ ڪري ڪونه ٿي وڙهيس بلڪ آئون ته ڪافرن خلاف وڙهڻ پنهنجو فرض ٿو ڀانيان.“

سپاهين ڏٺو ته جنگ ۾ هو ڏاڍي حوصلي ۽ انهماڪ سان وڙهيو پئي ۽ سندس جوش ۽ جذبو اڳي کان به وڌ هو.

## ( ٢٧ )

# جنگ ڪرڻ کان بڌي مرڻ بهتر آهي

هڪ دفعي، هڪڙي ملڪ جي سرحد تي، رومين ۽ مسلمانن جون فوجون، جڏهن هڪٻئي جي سامهون صف آرا ٿيون، ته رومين جي سپهه سالار، هرقل، عربن جي لشڪر ڏانهن هڪ جاسوس موڪليو. جاسوس لشڪر ۾ گهمي ڦري وري واپس آيو ته چيائين ”هي ماڻهو رات جو عبادت ڪن ٿا ۽ ڏينهن جو بهادريءَ ۽ دليريءَ سان جنگ ڪن ٿا. ڏاڍا انصاف پسند آهن، جيڪڏهن سندن بادشاهه جو ڪو پٽ چوري ڪري، ته آن جو هٿ به وڍي ڇڏين ۽ حق جي ڳالهه ۾ ڪنهن

جنهنڪري وزير مفلسيءَ جي زندگي بسر ڪرڻ تي مجبور ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ حاڪم ڏانهن لکيائين ته هن پنهنجي عهد ۾ سلطنت جو ڪم تمام سٺيءَ طرح هلايو ۽ پنهنجي فرض بجا آڻڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي نه آندي ۽ هاڻي جڏهن سائينجن مون کي برطرف ڪري منهنجي ملڪيت کي ضبط ڪري ڇڏيو آهي، ته مون لاءِ گذران جي باقي ڪابه صورت نه رهي آهي. بس ايترو ڪرم ڪريو جو مون لاءِ ڪو اجڙيل ڳوٺ يا غيرآباد زمين جو ٽڪر عنايت ڪريو، جيئن آئون ان کي آباد ڪري، وقت ڪاٽي سگهان.

حاڪم، وزير جي بدحالي جو احساس ڪندي سندس درخواست منظور ڪئي ۽ چوائي موڪليو ته تون اهڙو ڳوٺ يا زمين ٽڪر پسند ڪري ٻڌاءِ ته توکي عنايت ڪيو ويندو.

وزير جواب ۾ لکيو، منهنجي حيثيت اهڙي نه آهي، جو آئون پنهنجي پسندي مطابق گهر ڪريان. سائينجن خود پنهنجي وزيرن کان معلوم ڪري، مون کي ڪو زمين ٽڪر ڏيارين بادشاهه واسطيدار محڪمن کي حڪم ڪيو ته غيرآباد زمين جو ٽڪر يا اجڙيل ڳوٺ سابق وزير کي بخشيو وڃي.

زمينن جي محڪمي واري وزير، سڄي ايراضي جي پڙتال ڪئي، مگر ڪوبه ڳوٺ يا زمين ٽڪر اجڙيل نظر نه آيو، جنهنڪري حاڪم کي اطلاع ڏنو ويو ته سيئي ڳوٺ ۽

۾ زمينون آباد آهن. غيرآباد زمين ڪٿي بہ نٿي ملي.
ان تي بادشاهہ حڪم ڪيو تہ وزير کي ڪا آباد
زمين ڏياري وڃي.

جڏهن سابق وزير کي اهو حڪمنامو مليو تہ هن
جواب ۾ حاڪم کي لکيو تہ مون کي غيرآباد زمين
جي ٽڪر جي ضرورت ڪانہ هئي. انهيءَ بهاني
سان حضور جن کي رڳو اهو ٻڌائڻو هو تہ مون پنهنجي
دور وزارت ۾ سڄي علائقي ۾ ڪوبہ زمين جو ٽڪر
يا ننڍي ڪان ننڍو ڪُوٽ بہ غيرآباد رهڻ نہ ڏنو. سموري
ملڪ ۾ ڪابہ بستي اجڙيل رهڻ نہ ڏنم. لهاذا سائينجن
جنهن شخص کي منهنجي جڳهہ تي وزير مقرر ڪيو
آهي، تنهن کي هدايت ڪن تہ هو بہ مون وانگر ٿي
تندهي سان پنهنجا فرض بجا آڻي.

سابق وزير جو اهو جواب ٻڌي حاڪم حيران ٿي
ويو، ۽ پنهنجي ڪئي تي گهڻو نادم ٿيو ۽ کيس
لکي موڪليائين تہ: مون کي تو ڪان وڏيڪ ٻيو ڪو اهل
نظر نٿو اچي، ان ڪري تون اچي واپس پنهنجي جاءِ
وٺ، ان سان گڏ هن جي جاگير جي بحاليءَ جو
حڪم بہ موڪليو ۽ ٻيا بہ ڪيترا مال اسباب انعام
طور موڪليائين.

( ۳۰ )

# ننڍي ڇوڪر جي گفتگو

هڪڙي دفعي، ابراهيم ادهم حج وڃي رهيو هو تہ
هڪڙي ڇوڪري کي ويندي ڏٺائين. پڇيائينس تہ

سان به رعايت ٿيا ڪن. سپهه‌سالار پنهنجي جاسوس جي زباني اهي ڳالهيون ٻڌي چيو ته ”جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه سچ آهي، ته پوءِ اهڙي قوم سان جنگ ڪرڻ ڪان ٻڌي مرڻ بهتر آهي.“

( ٢٨ )

# يهوديءَ جو مقدمو

هڪ دفعي حضرت علي ۽ حضرت عمر هڪبئي ۾ ويٺي، دوستانه گفتگو ڪئي ته هڪ يهودي آيو ۽ حضرت عمر کي عرض ڪيائين ته آئون عليءَ تي دعويٰ ڪرڻ چاهيان ٿو. حضرت عمر، حضرت عليءَ سان مخاطب ٿي چيو ”ابوالحسن سامهون بيهي جواب ڏئي“ حضرت علي اٿي بيهي رهيو مگر سندس چهري مان ڪجهه ناراضگي جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا.

مقدمو ٻڌو ويو ۽ يهودي ڪوڙو ثابت ٿيو. يهوديءَ جي وڃڻ کان پوءِ وري ساڳي دوستانه ڳالهه‌ٻولهه شروع ٿي وئي. حضرت عمر، حضرت عليءَ کان پڇيو ته ”جڏهن مون اوهان کي يهودي سان گڏ بيهي جواب ڏيڻ لاءِ چيو هو، ان وقت توهان جي پيشانيءَ تي وَرَ ڇو پئجي ويا هئا؟ ان سان گڏ بيهڻ، اوهان کي خراب لڳو ڇا؟“ حضرت علي جواب ڏنو ”اوهان کي غلط‌فهمي ٿي، مون کي ڪاوڙ لڳڻ جي وجه اها نه هئي. بلڪ ان

جو سبب اهو هو، جو اوهان مون کي نالي سان سڏڻ جي بجاء ڪُنيت سان يعني ابوالحسن چئي سڏ ڪيو. جنهن مان اها مراد نڪتي ٿي ته اوهان مون سان عزت ڀريو ورتاءُ ڪيو آهي. مون محسوس ڪيو ته ڪٿي يهودي اهو نه سمجهي ته عدالت ۾ مون کي اهڙيءَ طرح سڏي، توهان هن جي مقابلي ۾ منهنجو لحاظ ڪيو آهي. اگر هو ائين سمجهي ها ته اسان جي عدالت تي حرف اچي ها.

( ٣٩ )

# آباد ۽ غير آباد زمين

محمد بن اسحاق خوزستان جو حاڪم هو. هن جو وزير وڏو عقلمند، ايماندار ۽ وڏو منتظم هو. پنهنجي دور وزارت ۾، ملڪ جو سٺو انتظام رکيائين. سندس انتظام ۾ آبل زمين جي هر ٽڪري ۽ علاقي کي سرسبز ۽ ماڻهن کي خوشحال بنائڻ ۾ هن ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. ان ڪري حاڪم وٽ بہ گهڻو مانُ هوس. ليڪن اهڙي چڱي ماڻهو جا حاسد بہ گهڻا ٿيندا آهن، ۽ ڪيترن اميرن کي هن جي سرخروئي جو ساڙ هو. ان ڪري بادشاهہ جا پيا ڪن ڀريندا هئا، هڪ ڀيري هو بہ انهن جي ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ وزير کي نہ رکيو وزارت تان لاهي ڇڏيائين پر ان جي جاگير ۽ سموري جائداد بہ ضبط ڪري ڇڏي.

”صاحبزادا ڪيڏانهن پيو وڃين؟“ هن چيو ته ”خدا جي جي گهر پيو وڃان.“ ابراهيم چيس ته تون ٻار آهين. حج توتي نه واجب آهي ۽ نه سنت. ڇوڪر ورائيو ته ”تو ڇوڪرن کي مرندي نه ڏٺو آهي؟“ ابراهيم چيو هائو ڏٺو آهي. ڇوڪر چوڻ لڳو ته ”اگر ڇوڪرن لاءِ موت آهي ته پوءِ نيڪ عمل به ته انهن کي ڪرڻ کپي.“ هو شخص چوڻ لڳو ته ”تو وٽ نه سواري آهي ۽ نه سامان پوءِ ڪيئن رسندين؟“ ڇوڪر جواب ڏنو ”منهنجا هٿ ۽ پير سواري آهن ۽ پرهيزگاري منهنجو سامان. منهنجو رب مون کي مقصود آهي.“ شخص چيو تو وٽ کاڌي لاءِ به ته ڪجهه ڪونهي. چوڻ لڳو ”جيڪڏهن ڪنهن وٽ دعوت تي وڃبو آهي ته پوءِ کاڌو ساڻ کڻي وڃڻو نه پوندو آهي، جنهن سڏايو آهي کاڌو به سوئي ڏيندو.“

ابراهيم ادهم رحه چوي ٿو ته مان اهي جواب ٻڌي دنگ رهجي ويس ته هي ڪير آهي جو ايتري بيباڪي سان اهڙا تز جواب ڏئي رهيو آهي. پوءِ خبر پيم ته اهو علي بن حسين ”امام زين العابدين“ هو.

( ٣١ )

## ٻه پيالا

حضرت عمر رض. کي عوام جو ڏاڍو اونو رهندو هو. هيڏي وڏي خلافت جو سربراهه هوندي به تمام سادو کائيندو ۽ سادو هنڊائيندو هو. هڪ پيري پاڻ

ڪنهن امير جي دعوت قبول فرمايائون. ڪاڏي مهل سندن اڳيان ٻه پيالا رکيا ويا، جن ۾ جدا جدا قسم جو ٻوڙ هو. حضرت عمر، هڪڙو پيالو ائين چوندي موٽايو ته ”جيڪڏهن اوهان مون کي يقين ڏياريو ته اسان جي عوام کي مهل تي واقعي هڪ ٻوڙ به نصيب ٿئي ٿو ته پوءِ آئون بي فڪريءَ سان کائيندس.“

( ٣٢ )

# وعدي وفائي

بنو اميه کان اقتدار جڏهن واپس کسجي عباسي خاندان جي هٿ ۾ آيو، آخري فرمانروا جو پٽ شهزادو ابراهيم هو، هو نهايت خوبصورت جوان هو. عباسي حڪمران طرفان، شهزادن، سردارن ۽ اموي خاندان جي مڙني بارسوخ فردن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو.

ابراهيم کي به پنهنجي ساهه سان اچي لڳي ۽ پنهنجو پاڻ کي لڪائيندو وتندو هو. انهيءَ ڀڄ ڀڄان ۾ افراتفريءَ جي عالم ۾ هڪ ڏينهن حيره جي شهر مان لڪندو لڪندو ڪوفي تائين پهتو. ليڪن اتي به پهچي پريشان ٿيو ته هاڻي ڪٿي لڪي، جاڪاڻ جو نه ڪير ڪيس سڃاڻندو هو ۽ نه وري پاڻ ڪنهن کان واقف هو.

هلندي هلندي هن جي نظر هڪ وڏي گهر تي پيئي، جنهن جو دروازو کليو پيو هو. هو هڪدم ان ۾ گهوڙي ويو. ڇاتو ڏسي ته اندر وڏو اڳڻ آهي ۽ ڏانهس هڪ صحتمند جوان وڏي رهيو آهي. نوجوان اندر آيل اجنبي شخص کي نهايت عجب مان ڏٺو ۽ پڇيائينس ته: "تون ڪير آهين ۽ هتي ڇو آيو آهين؟" ابراهيم جواب ڏنو ته هو مسافر آهي ۽ دشمنن کان جان بچائڻ خاطر پناهه وٺڻ آيو آهي. هن نوجوان ان تي وراڻيو ته "مون توکي پناهه ڏني" ائين چئي هو آيل شخص کي هڪ ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ کيس سڀئي آرام جون شيون ميسر ڪري ڏنائينس.

پناهه ڏيندڙ شخص هر روز گهوڙي تي سوار ٿي صبح جو نڪري ويندو هو ۽ شام جو موٽي ايندو هو. هڪ ڏينهن ابراهيم هن کان پڇيو ته "توهان روزانو ڪيڏانهن ويندا آهيو؟" هن جواب ڏنو ته "مون کي پنهنجي پيءُ جي قاتل جي تلاش آهي. بابا سائينءَ کي جنهن بي گناهه ماري وڌو، سو ظالم قاتل، ابراهيم جي نالي سان سڏجي ٿو. مون کي معلوم ٿيو آهي ته هو حيره مان بادشاهه جي خوف کان ڀڄي نڪتو آهي ۽ شايد هن شهر ۾ ڪٿي روپوش هجي، آءُ روزانو کيس ڳوليندو وتان ٿو، جيئن پيءُ جو بدلو چڪايان."

ابراهيم، ميزبان کان سندس پيءُ جو نالو پڇيو. هن کي ياد اچي ويو ته بيشڪ ان کي هن ئي قتل

ڪيو هو. جنهن بعد ابراهيم چئي ڏنو تہ ”ابراهيم منهنجو نالو آهي، مون کي قتل ڪري اوهان پنهنجي پيءُ جو بدلو وٺي ڇڏيو. ميزبان کي يقين نہ آيو ليڪن جڏهن ابراهيم قسم کنيو تہ سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هڪدم منهن ڦيري ڇڏيائين. ڪجهہ منٽ سوچڻ کان پوءِ هڪدم الماريءَ مان هڪ هزار اشرفين جي ٿيلهي ڪڍي آيو، جيڪي مهمان کي ڏيندي نرميءَ سان چيائين تہ ”هي تنهنجو حق مهماني آهي. تون منهنجو مهمان آهين. ۽ مون توکي پناهہ ڏيڻ قبولي. توکي قتل ڪرڻ سان منهنجي شرافت ۽ نيڪنامي برباد ٿي ويندي. باقي تنهنجو منهنجو انصاف قيامت جي ڏينهن ٿيندو، مهرباني ڪري هتان هليو وڃ، جيئن آئون وري تنهنجو منهن نہ ڏسان.“

ابراهيم ميزبان جي شرافت ۽ وعده وفائي تي حيران رهجي ويو.

( ٣٣ )

# مارڻ ۽ بچائڻ وارو صرف خدا آهي

هڪ ڀيري حضرت محمد صلعم جن، وڻ جي ڇانو هيٺ ستل هئا ۽ پنهنجي تلوار کي بہ وڻ ۾ لٽڪائي ڇڏيو هئائون. اتفاق سان هڪ يهودي غورث بن حارث اتان اچي لانگهائون ٿيو ۽ رسول صلعم جن کي هيئن آرامي ڏسي، دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳو. هن اها

تلوار کڻي ۽ نهايت گستاخاڻي طريقي سان نبي صلعم کي جاڳايو.

تلوار سان اشارو ڪندي، يهودي پڇيو، ”هاڻي هينئر توکي ڪير ٿو بچائي سگهي؟“

بغير ڪنهن هٻڪ جي ۽ پوري اعتماد سان پاڻ فرمايائون ته ”رب تعاليٰ!“

هن همت ۽ جواب کان غورث جا همت ڏڪي لڳا ۽ سندس هٿن مان تلوار ڪري پئي!

ساڳي تلوار هاڻ محمد صلعم جي هٿ ۾ هئي، ۽ پاڻ غورث کان پڇيائون: ”هاڻي هاڻ توکي، سون کان ڪير بچائي ٿو سگهي؟“

غورث تي هيبت طاري ٿي وئي ۽ ساهه جي ڊپ کان چوڻ لڳو ”فقط توهان!“

کيس جواب مليو: ”وڃ، مان بدلو نه وٺندو آهيان!، مارڻ ۽ بچائڻ وارو صرف خدا آهي.“

يڪايڪ غورث محسوس ڪيو، ته دعوت اسلاميءَ جي لهر، سندس جسم ۾ ڊوڙي وئي.... هن پنهنجي ۽ مدمقابل جي وچ ۾ فرق کي سڃاڻي ورتو — هن رڙ ڪئي: ”مان شاهدي ٿو ڏيان ته الله کان سواءِ ڪوئي معبود نه آهي، ۽ محمد صلعم ان جو رسول آهي!“

# لالچ جو انجام

هي واقعو حضرت عيسيٰ عليه‌السلام جي زماني جو آهي. ٽي دوست پاڻ ۾ گڏجي سفر ڪري رهيا هئا. واٽ ويندي هنن کي هڪ ڳوٿري نظر آئي، جا سونين گينين سان پريل هئي. ٽنهي دوستن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته هو جيئن ته بکايل آهن، ان ڪري هڪڙو ڇڙو شهر مان وڃي کاڌو خريد ڪري اچي تاڪ سڀئي پيٽ پري کائين.

ان ڪري هڪڙو شخص کاڌو خريد ڪرڻ لاءِ ويو هليو. رستي تي هن سوچيو ته ڇو نه کاڌي ۾ زهر ملائي ڇڏي، جيئن هو ٻئي ساٿي مري وڃن ۽ ساري ملڪيت منهنجي ٿي وڃي. آخر هن ائين ئي ڪيو. کاڌي سان گڏ زهر به خريديو ۽ ان ۾ ملائي ڇڏيو.

هن جي وڃڻ کان پوءِ باقي رهيل ٻن ڄڻن وري پاڻ ۾ صلاح ڪئي ۽ طيءِ ڪيو ته جڏهن کاڌو وٺي اهو شخص واپس موٽي ته کيس قتل ڪري ڇڏيندا سون ۽ سمورو خزانو اسان پاڻ ۾ ورهائي ڪئنداسون.

هو کاڌو وٺي آيو ۽ ٻنهي دوستن هن تي حملو ڪري ڏنو، ۽ قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ اطمينان سان ويهي زهر ملايل ماني کاڌي، ۽ ٿوري دير کان پوءِ زهر جي اثر کان ٻئي ڄڻا مري ويا.

# وڏو پيٽبر

هڪ پيٽبر شخص، ڪنهن ديول ۾ پهتو، جتي جي پادريءَ هن جي گهڻي خاطر تواضع ڪئي. ڪيترئي ون اخلاقي ۽ ديني ڳالهيون ٻڌايون ۽ پوءِ نياز-مندانه لهجي ۾ مانيءَ جي به صلاح ڪيائين. پيٽوءَ جواب ڏنو:

هروڀرو اهڙي بک ته ڪانه لڳي اٿم، ليڪن ٿورو مڙئي کائيندس.

پادري جلدي اندر ويو ۽ جلدي ئي چار ڊبل روٽيون آڻي اڳيان رکيائين. پوءِ وري ٻيو ڀيرو دال کڻڻ ويو هليو. دال کڻي جڏهن آيو، ته پيٽبر صاحب ڊبل روٽيون ختم ڪري چڪو هو. دال رکي هو روٽيون ٻيو ڀيرو کڻڻ ويو. جڏهن واپس آيو ته ڏٺائين دال چٽ ٿي پئي هئي، هاڻي روٽيون رکي هو ٻيو ڀيرو دال کڻڻ ويو. واپس اچي ڇا ٿو ڏسي جو سموريون روٽيون غائب. آخر وري دال رکي روٽيون کڻڻ ويو. ۽ جڏهن واپس آيو ته دال ختم ٿي چڪي هئي.

اهو واقعو يعني ته روٽيون آڻي تائين دال ختم ۽ دال آڻي تائين روٽيون ختم هئڻ جو ڏهه ڀيرا سانئس ٿيو. آخر-پادري ويچاري کان رهيو نه ٿيو ۽ سوال پڇيائين ته "توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟"

پيٽوءَ جواب ڏنو: "فلاڻي شهر تائين".

راهب پڇيو سفر جو مقصد؟
پيٽوءَ ڇيو.
مون کي معلوم ٿيو آهي، ته اتي هڪ قابل حڪيم رهي ٿو. ان کان معده جي اصلاح جي دوا وٺندس جيئن بک گهڻي لڳي. اڄڪلهه نه بک ٿي لڳي ۽ نه ڪجهه کائي سگهان ٿو.
پادري چيو ته ”سائين منهنجي هڪ درخواست آهي.“
”ڪهڙي؟“
”جڏهن معدو درست ٿي وڃي ته مهرباني ڪري هتي اچڻ جي تڪليف نه ڪندا.“

( ٣٦ )

# واثق بالله جو ادب

عباسي خليفن ڏاڍي شان سان حڪومت ڪئي سندن حڪومت جون ڪيتريون ئي دلچسپ ڳالهيون تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهن. سندن خوبين مان هڪ خوبي اها به هئي جو، هو علم جا قدردان هوندا هئا ۽ عالمن جو نهايت احترام ڪندا هئا. استادن جي ادب، بزرگيءَ ۽ عزت جو تمام گهڻو لحاظ رکندا هئا.
هڪ ڀيري خليفو واثق بالله خلافت جي مسند تي رونق افروز هو، جو سندس استاد محمد بن زياد آيو. هو هڪدم اٿي بيهي رهيو ۽ تمام گهڻي عزت ۽ تڪريم ڪيائين.

اهو حال ڏسي هڪ درباري پڇيو ته:

اي اميرالمومنين هيءُ شخص ڪير آهي؟ جنهن جو اوهان ايترو احترام فرمايو ٿا؟

واثق جواب ڏنو ته "هيءُ اهو شخص آهي، جنهن خدا جي معرفت مون تي منڪشف ڪئي ۽ مون کي علم ڏنو ۽ مون کي خدا جي رحمت جي ويجهو آندو".

( ٣٧ )

# عزت نفس

حاتم طائي پنهنجي رحمدلي ۽ شرافت کان گهڻو بلند ۽ برتر سمجهيو ويندو هو. ڪنهن معتقد کيس هڪ ڀيري چيو ته "اي حاتم مون کي ڪوبہ اهڙو شخص ڪونہ سجهي، جو ڪنهن بہ درجي ۾ تو کان مٿاهون هجي" حاتم جواب ڏنو. ليڪن مون اهڙي شخص کي ڏٺو آهي، جنهن جي هستي اڳيان مون پنهنجي هستيءَ کي هيچ محسوس ڪيو.

معتقد پڇيو "ڪير"؟

حاتم چيو: هڪ ڏينهن مون هڪ شخص کي جهنگ ۾ ڪاٺيون ڪندي ڏٺو. مون خيال ڪيو تہ پسگردائيءَ ۾ ڪوبہ اهڙو شخص رهيل نہ آهي، جنهن منهنجي مهماني نہ کاڌي هجي ۽ هيءُ شخص بہ ضرور منهنجي لنگر مان ڪڏهن نہ ڪڏهن فيضياب ٿيو هوندو. سو

دل ۾ چيم تہ هن ڪان پنھنجي سخا پڌان. ان ڪري پڇيومانس تہ "تنھنجي ڪنن تي ڪڏهن سخي حاتم جي ڪا ڳالھہ نہ پھتي؟"

هن پيرمرد وراڻيو.

ها برابر مون ٿورو گهڻو حاتم جي باري ۾ ٻڌو آهي!

مون پڇيومانس.

تہ ڪڏهن حاتم جي لنگرخاني مان ماني ڪانہ کاڌي آهي؟

جواب ڏنائين:

جيڪر مفت جي دسترخوان تي وڃي ماني کان، تہ هوند پاڻ کي سيني انسانن کان بدنصيب ۽ نامراد پائيان.

مون پڇيومانس تہ ڇو؟

وڏي فخر ۽ وڏائيءَ سان جواب ڏنائين تہ جيڪو بہ پنھنجي ٻانهن جي پورهئي سان ڪمائي رکي سڪي مانيءَ مان اچي ٿو، سو ٻئي ڪنھن جي طعامن مان هرگز نہ ايندو.

( ۳۸ )

# سڪندر اعظم ۽ سندس استاد

سڪندر اعظم جي عظمت ۽ جلال کان هرڪو واقف آهي. هي اهو حاڪم آهي، جنھن سڄيءَ دنيا کي فتح ڪرڻ جو خواب ڏٺو هو ۽ ڪنھن حد تائين

ان جو سھڻو تعبير ھ ڏنائين. ھن وڏن وڏن ملڪن کي فتح ڪيو ۽ ڪيترن ئي قومن کي غلام بنايو. ڪيترن ئي سرڪش ۽ باغين جا ڪنڌ اڏايائين. جتي ويو اتي پنھنجي حشمت ۽ رعب جو ڏاڪو ڄمايائين. اڄ به سندس فالو تاريخ ۾ زنده آھي ۽ قيامت تائين زنده رھندو

سڪندر پنھنجي استاد کي گھڻي عزت ۽ مان ڏيندو ھو ۽ وڏائي ۽ بزرگيءَ ۾ پيءُ کان به استاد کي وڌ سمجھندو ھو.

ھڪ دفعي ڪنھن پڇيو ويو ته:

”ڇا ڳالھ آھي جو توھان استاد جي تعظيم پنھنجي پيءُ کان به زياده ڪريو ٿا.“

سڪندر جواب ڏنو:

”ان لاءِ جو والدين جي ڪري مون کي محض ھيءَ فاني زندگي حاصل ٿي، مگر منھنجي استاد مون کي علم سيکاري ھڪ جاودان زندگي عطا ڪئي آھي، جا ڪڏھن به فنا ٿي نه سگھندي.“

(٣٩)

# سھڻو برتاءُ

ھڪ دفعي عراق ۾ سخت ڏڪار پيو، ايتريقدر جو ماڻھن جي حالت نھايت نازڪ ٿي وئي. ماڻھو پريشانيءَ جي عالم ۾ پير پاسي وارن علائقن ڏانھن لڏڻ لڳا. ھڪ شخص ابن عبدالله جي پاڙي ۾ رھندو ھو، ھو به

روزگار جي کولا ۾ آنان لڏڻ لڳو. ليڪن سندس زال بيماري ڪري بستري داخل ٿي ۽ سفر ڪرڻ جو پاڻ ۾ ست نٿي ساريائين.

عورت مڙس کي سفر جون تياريون ڪندي ڏسي چيو ته ”تون ته وڃي رهيو آهين، تنهنجي پٺيان گهر جو خرچ ڪٿان هلندو؟“

مڙس جواب ڏنس ته ”ابن عبيدالله کي آءٌ ڪافي رقم لهڻدو آهيان، مون وٽ ان جو دستاويز به لکيل آهي. جڏهن به هن وٽ وينديءَ ته، دستاويز پڙهي، ضرورت مطابق توکي پئسا ڏيندو رهندو.“ ائين چئي اُن شخص پنهنجي زال کي هٿ ۾ چٺي ڏني ۽ پاڻ گهران هليو ويو.

ٿي ڏينهن اُن ماڻهوءَ جي زال ابن عبيدالله وٽ پهتي ۽ مڙس جي ڪي ڳالهيون چيون هوس سي دهرايائين ۽ چٺي ڪڍي پئسا به گهريائين. ابن عبيدالله چٺي کولي پڙهي ته ان ۾ هيٺئن لکيل هو.

”منهنجي زال مون کان پڇيو، ته تون هليو وينديں ۽ اسان جي خبرچار ڪير لهندو، مون چيومانس ته تون ابن عبيدالله کي نٿي سڃاڻين.“

چٺي ڪيسي ۾ وجهندي ابن عبيدالله چيو ته: ”تنهنجي مڙس سچ چيو، واقعي آءٌ سندس مقروض آهيان.“ ۽

انهيءَ ڏينهن کان آهي عورت جيڪي به پئسا ابن عبيدالله، کان گهرندي هئي، سي ڏيندو رهندو هوس.

ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ جڏهن سندس مڙس آيو، تڏهن ابن عبيدالله جي ايمانداريءَ جي ساڻس ڳالهه ڪيائين ۽ ٻڌايائينس ته اسان کي هر وقت ضرورت ۾ پئسا ڏيندو رهيو آهي. اهو شخص هڪدم اٿي ابن عبيدالله وٽ ويو ۽ سندس ٿورا مڃيائين.

( ۴۰ )

# نيت جو ڦل

هڪ ڏينهن جهنگ ۾ هڪڙي وڻ جي هيٺان، هڪ غريب ڇوڪر روئي رهيو هو. اڪيلو مان ڪوڙهاڻ سگهي ويا هوس، تڏهن به روئيندي روئيندي بيحال ٿيندو ٿي ويو.

اتفاق سان هڪ شاهوڪار شخص جو اتان گذر ٿيو، جو شڪار جي خيال سان آيو هو. ڇوڪر جو آواز ٻڌي سندس ويجهو آيو ۽ پڇيائينس ته:

”تون ڇو پيو روئين ٻچا؟“

ڇوڪر جواب ڏنو:

”منهنجي ماءُ ڪيترن ئي ڏينهن کان بيمار پئي آهي. بابا مون کي اڄ شهر موڪليو ته امڙ لاءِ دوا وٺي اچان ليڪن بدقسمتيءَ سان، اهو پئون جنهن ۾ پئسا

وڏا هوءَ، سو ڪيسي مان ڪڍي ڪري پيو. ان ڪري
پيو روئان جو هاڻي گهر وڃي ڪهڙو جواب ڏيندس؟"
اهو ٻڌي ان شاهوڪار شخص پنهنجي ٻئي شڪاري
دوست سان ڪجهه ڳالهايو ۽ پوءِ پنهنجي ڪيسي مان
هڪ ٻٽون ڪڍيو جو قرمزي رنگ جو هو، جنهن مان
سونا سڪا ڏسڻ ۾ پئي آيا، ڇوڪر ڏانهن اهو وڌائيندي
چيو ته:
هيءُ ئي آهي نه اهو؟
ڇوڪر جواب ڏنو.
نه اهو ڪونهي. ان ۾ سونا سڪا به ڪونه هئا.
هاڻي امير ڪيسي مان هڪ ٻيو ٻٽون ڪڍيو ۽ چيو ته
"يلا هيءُ هو ڇا تنهنجو ٻٽون؟"
ڇوڪر خوش ٿي ورائيو.
ها اهو هو، اهو ئي!
امير ٻٽون ڪڍي ڇوڪر کي ڏنو ۽ چيائين ته
اڄي ان سان ڪجهه سونا سڪا به آئون توکي انعام
طور ڏيان ٿو تون نهايت ئي سچار ٿو ڏسجين.

( ۴۱ )

# حضرت عمر رضه ۽ عبدالله بن زبير رضه

هڪڙي دفعي حضرت عمر رضه فاروق، ڪنهن هنڌ
وڃي رهيو هو. هڪ گهٽيءَ ۾ پهتو ته اتي ڪن
ڇوڪرن راند روند پئي ڪئي، حضرت عمر رضه جي

هيبت سيني تي ڇانيل هوندي هئي، ڪيس ڏسي سڀئي ڇڙوڇڙ ٿي ويا. ليڪن، حضرت عبدالله بن زبير رضه جتي هو اتي ئي بيٺو رهيو ۽ پنهنجي جاءِ تان ٿورو به نه چريو.

عبدالله بن زبير رضه اڃا ننڍي عمر جو ڇوڪرو هو. حضرت عمر رضه پڇيو:

تون ڇونه ڀڳين؟

هن چيو:

"رستو ته تنگ ڪونه هو، جو اوهان لاءِ جڳهه ڇڏيان ها. ۽ نه وري ڪو مون ڏوهه ڪيو هو، جو اوهان کان ڊڄي ڀڄي وڃان ها."

حضرت عمر هن جي حاضرجوابي ۽ ذهانت کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس شاباس ڏنائين.

( ۴۴ )

# سقراط کان هڪڙو سوال

سقراط حڪيم تمام ٿورو کائيندو هو. هن کان هڪ همعصر پڇيو ته:

تنهنجو خيال آهي ته هر ساهواري سان رحم جو برتاءُ ڪرڻ گهرجي، تون پاڻ به، ته ساهه وارو آهين پوءِ ٿوري غذا کائي پنهنجو پاڻ تي ظلم ڇو ٿو ڪرين؟

سقراط جواب ڏنو.

”آئون زنده رهڻ لاءِ کاڌي لاءِ کان تو ۽ کاڌي لاءِ ٿو زنده رهڻ چاهيان.“

هڪ ڀيري ڪانئس ٻئي هڪ ماڻهو پڇيو ته ”توهان جو تورو ڳالهائيندا آهيو؟“

سقراط جواب ڏنو:

الله تعاليٰ ٻه ڪن ڏنا آهن ۽ هڪ زبان، جيئن انسان جيترو ڳالهائي ان کان ٻيڻو ٻڌي.

( ۴۳ )

# عضدالدوله جو انصاف

حج جي ارادي سان هڪ شخص بغداد ۾ آيو. هن وٽ هڪڙو هار هو جنهن جي قيمت هڪ هزار دينار هئي. هن چاهيو ٿي ته هار وڪڻي ليڪن ڪوبه خريدار نه مليس. آخرڪار امانت طور هڪ تاجر وٽ ڇڏيائين، ته واپسيءَ مهل اچي وٺانس. ڪٿندو، اهو تاجر ايمانداريءَ کان بغداد ۾ گهڻو مشهور هو ۽ سڀئي ماڻهو منجهس عزت ڪندا هئا.

حج ڪري اهو شخص واپس بغداد آيو، ۽ تاجر لاءِ مڪي مان هڪ سهڻو تحفو به آندو هئائين. هو تاجر جي دڪان تي پهتو ۽ سلام ڪيائين.

تاجر چيو:

”تون ڪير آهين؟“

هن چيو.

”آئون اهو شخص آهيان، جنهن حج ڏانهن ويندي وقت توهان وٽ هڪ هار امانت رکيو هو.

تاجر حيرت مان چيو:

”هار! ڪهڙو هار؟ مون وٽ ته ڪوبه هار ڪونهي!“

ائين چئي هن پنهنجي ملازمن کي حڪم ڪيو ته هن کي دڪان کان ٻاهر ڪڍن.

هو روئيندو پٽيندو عضدالدوله وٽ پهتو، جو ان وقت عراق جو گورنر هو. هن سڄي پاڻ سان ٿيل واردات ٻڌائي.

عضدالدوله چيو:

تون وڃ ـ تاجر جي دڪان اڳيان وڃي ويهي رهه. جڏهن آئون اتان گذران ته توکي سلام ڪندس، تون سلام جو جواب ته ڏجئين ليڪن پنهنجي جاءِ تي ويٺو رهجئين.

ٿوري دير کان پوءِ عضدالدوله جي سواري انهيءَ تاجر وٽان لنگهي، هو حاجي اتي ئي ويٺو هو.

عضدالدوله حاجيءَ کي چيو:

”اسلام عليڪم“.

هن ورائيو.

”وعليڪم السلام“.

۽ پنهنجي جاءِ تان ڇُرِيو ڦُرِيو اصل نه ٿي ڪِين.
عضدالدوله هن کي چيو ته ”اڙي ادا عراق مان هتي آيو آهين ۽ اسان وٽ به ڪونه آئين.“

هن چيو:

”ها فرصت ڪانه ملي اهندس ڏنهن وقت!“

عضدالدوله جي سواري جڏهن گذري وئي ته تاجر جو خوف ڪان برو حال ٿي ويو هن حاجيءَ کي چيو:

”توهان جو هار ڪهڙو هو؟“

حاجيءَ ان جو رنگ روپ ٻڌايو.
اهو ٻڌندي ئي تاجر اٿيو ۽ هار ڪڍي آڻي سامهون رکيائين ۽ چيائين ته معاف ڪجو، مون بلڪل وساري ڇڏيو هوا

حاجي اتان اٿي سڌو عضدالدوله وٽ ويو ۽ ڪيس سارو قصو ٻڌايو. هن حڪم ڏنو ته تاجر کي سندس دڪان جي سامهون ڦاهيءَ چاڙهيو وڃي، جيئن ماڻهن کي عبرت ٿئي. هڪدم ان حڪم جي تعميل ڪئي وئي.

( ۴۴ )

# بلال رضہ جي سچائي

حضرت بلال رضہ پنهنجي ڀاءُ جي سنگ لاءِ هڪ قريشي عورت کي پيغام ڏنو ۽ سندس ماڻٽن کي چيو ته:

"اسين جيڪي ڪجھ آهيون سو توهان کي اڳي ئي معلوم آهي. اسين بہ غلام هئاسون، ليڪن خدا اسان کي آزادي عطا فرمائي، اسين بہ گمراھ هئاسون، ليڪن خدا اسان کي هدايت جي راھ ڏيکاري، اسين بہ بي سرو سامان هئاسون ليڪن خدا اسان کي غني ڪيو. هاڻي مان پنهنجي ڀاءُ جو، توهان جي فلاڻي ڇوڪريءَ لاءِ پيغام ڏيان ٿو!

پوءِ حضرت بلال چيو:

اگر توهان پيغام قبول ڪريو تہ الحمدالله ۽ جيڪڏهن رد ڪريو تہ الله سڀني کان وڏو آهي. (يعني اگر توهان پنهنجو پاڻ کي منهنجي ڀاءُ کان بلند ۽ وڏو سمجهو ٿا تہ پوءِ ياد رکو تہ الله سڀ کان وڏو آهي لهاذا تڪبر کان بچو ۽ بچو) بلال رضہ جي اها ڳالھ ٻڌي، هو ماڻهو بہ متاثر ٿيا ۽ سندس ڀاءُ جي عرب عورت سان شادي ٿي ويئي.

( ۴۵ )

# حجاج جي سامهون

ڪ ماڻهو انهيءَ الزام ۾ گرفتار ڪيا ويا تہ، هو حجاج کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيا هئا. حجاج ڪوفي جو گورنر هو ۽ نهايت ئي سخت گير ۽ ظالم شخص هو. هن ٽنهي کي جيل موڪلي ڇڏيو.

هٿي ڏينهن هن ٻنهي کي سزا ڏيڻ لاءِ دربار ۾ سڏايو.
انهن ٻنهي مان هڪ چيو ته:
”منهنجو اوهان تي هڪ حق آهي يا اميرالمومنين!“
حجاج پڇيو: ”آهو ڪهڙو؟“
هن وراڻيو:
هڪ مجلس ۾ اوهان جون برايون پئي ٿيون، مگر مون اوهان جي مدافعت ڪئي هئي.
حجاج چيو ته: ”پنهنجي دعويٰ ثابت ڪر.“
هن چيو: ”ان مجلس ۾ منهنجو هيءُ امير ساٿي به حاضر هو.“
حجاج هن شخص کان پڇيو ته:
”ڇا تنهنجو ساٿي سچ ڳالهائي رهيو آهي؟“
هن چيو:
”ها بلڪل سچ چئي رهيو آهي.“
حجاج سوال ڪيو:
”ڇا تو به پنهنجي ساٿي وانگر منهنجي مدافعت ۾ ڳالهايو هو؟“
هن چيو: ”هرگز نه.“
حجاج وڌيڪ دريافت ڪندي پڇيو: ”سو ڇو؟“
شخص جواب ڏنو ته: ”سو ان لاءِ جو مون کي اوهان کان نفرت آهي!“
”اهو ٻڌي حجاج چيو ته: ”مان هنن ٻنهي ماڻهن جي خطا معاف ڪريان ٿو!“

وري چيائين ته "ڀرين شخص کي انهيءَ لاءِ جو، ان جو واقعي مون تي هڪ حق آهي ۽ ٻئي کي ان ڪري معاف ڪيو اٿم جو هن بنان هٻڪ جي سچي ڳالهه چئي ڏني."

( ۴٦ )

# نعمان ۽ طائي

نعمان بن منذر عربستان جي هڪ ننڍڙي رياست جو والي هو. هن پنهنجي دربار لاءِ ٻه ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيا هئا.

۱- يوم غضب

۲- يوم نعمت

ڀرين ڏينهن، جو به شخص منهن چڙهندو هوس، ڪٿي اهو بلڪل بيڏوهي به هجي، ليڪن نعمان ان کي نهايت اذيت سان مارائيندو هو، ليڪن ٻئي ڏينهن جو به شخص دربار ۾ اچي، ڀوءِ ڀلي اهو ڪيترو گناهگار هجي، ليڪن نعمان ان کي خلعت ۽ انعام سان سرفراز ڪندو هو.

اتفاق جي ڳالهه آهي جو طائي نالي هڪ شخص، زماني جو ستايل، بک اُڃ ۾ ماندو، تباهه ۽ برباد، خسته ۽ اجڙيل حالت ۾، پريشانيءَ ۾ مبتلا، گهر کان

نڪتو ۽ قسمت آزمائڻ جي ارادي سان نعمان جي دربار جو رستو ورتو. بدنصيبان جڏهن هو دربار ۾ پهتو ته آهو يوم غضب هو. يعني ته انعام يا بخشش جو آن ڏينهن نه ڪو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو، صرف موت ۽ هلاڪت ملي سگهي ٿي.

دربار ۾ پهچڻ بعد طائيءَ کي معلوم ٿيو ته اڄوڪو ڏينهن ڪهڙو آهي ۽ هاڻي ڇا ٿيڻ وارو آهي؟ هن بادشاهه کي چيو ته:

خدا بادشاهه جي عمر دراز ڪري. منهنجي هڪ ننڍڙي ڪکي آهي. بڪايل زال به اٿم. گهر ۾ فقر ۽ فاقي کان سواءِ بيو ڪجهه به ڪونهي. قسمت مخالف اٿم ۽ موت به زوران زوري پيو ڪري، ان ڪري بادشاهه سلامت جي دربار ۾ هن ڏينهن پهچي سگهيس. مان بادشاهه سلامت جو اصول ٽوڙڻ نٿو چاهيان، صرف ايتري رعايت گهران ٿو ته هڪواري ٻارن ٻچن وٽ پهچان، ٿوري ٻونجي جا زندگيءَ ۾ گڏ ڪئي اٿم سا سونپي اچان ۽ قبيلي جي خيرخواهن کي عرض ڪري اچان ته هو هنن بيسهارن ۽ تباهه حال انسانن جو خيال رکن. آئون خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي عهد ٿو ڪريان ته مان شام تائين وصيت ڪري، پنهنجا رهيل فرض ادا ڪري واپس موٽي ايندس ۽ پنهنجو پاڻ کي اوهان آڏو پيش ڪندس، جيئن بادشاهه کي جيڪو سلوڪ وڻي

هو مون سان روا رکي ۽ مان چاڙهان ٿو ته اهو صرف قتل جي صورت ۾ ڏي هوندو!

زندگيءَ ۾ ٻيهريون ٿي دفعو هو، جو طائي جي لفظن نعمان جي دل کي پگهرايو ۽ هو ڪنهن حد تائين متاثر ٿيو. هن کي يقين ٿي ويو، ته هو سڀڪجهه سچ چئي رهيو آهي ۽ ان ۾ ڪوڙ جو ذرو به شامل ناهي.

بادشاهه چيو: ”مان توکي وڃڻ جي عارضي اجازت ڏئي سگهان ٿو، ليڪن صرف اهڙي صورت ۾ جو تنهنجو ڪير ضامن ٿئي. ۽ ياد رک اگر تون مقرر وقت تي واپس نه آئين ته تنهنجي بدران، تنهنجي ضامن کي قتل ڪيو ويندو.“

نعمان جو دوست شريڪ بن عدي سامهون ويٺو هو. طائيءَ کيس مخاطب ٿيو ۽ التجا ڀريل نظرن سان نهاريندي چيائين ته: ”اي دوست مان موت کان نٿو ڏڄان، ليڪن ٻنهنجي ننڍڙن ٻچن جو خيال ضرور آهي. هو بک ۽ انتظار جي عالم ۾ ويٺا هوندا. تون شريف ۽ معزز آهين، آئون واعدو ڪريان ٿو ته شام تائين موٽي ايندس.“

چا تون منهنجي ضمانت ڀوندين؟

شريڪ نعمان کي چيو: ”اي بادشاه مان طائي جي ضمانت ڏيان ٿو!“

بادشاهہ منظور ڪيو ۽ طائي جا بند خلاصا ٿيا ۽ هو هليو ويو. جڏهن ٻہ پهر گذريا تڏهن نعمان شريڪ کي چيو تہ:

"طائي اڃا تائين نہ آيو."

شريڪ چيو: "هو شام تائين اچڻ جو واعدو ڪري ويو آهي. اگر شام تائين نہ آيو تہ آئون حاضر آهيان!"

شام ويجهي آئي تہ نعمان چيو: "هاڻي تون قتل جي لاءِ تيار ٿي وڃ!"

شريڪ وراڻيو: "آئون تيار آهيان - ليڪن هو ڏسو پري کان مٽي پئي اُڏامي معلوم ٿئي ٿو تہ ڪو گهوڙيسوار اچي رهيو آهي. ذرا دير انتظار ڪريو. منهنجو خيال آهي تہ هو طائي آهي!"

۽ ٿوري دير کان پوءِ واقعي طائي سهڪندو سهڪندو پهتو. هن چيو "مون کي انديشو هو تہ ڪٿي منهنجي پهچڻ کان پهرين نہ سج لهي وڃي. ان ڪري مان تڪڙو تڪڙو اچي سهڙيو آهيان!

هاڻي جلدي حڪم صادر ڪريو. مون کي سزا ڏني وڃي ۽ منهنجي دوست کي آزاد ڪيو وڃي."

نعمان ڪنڌ مٿي ڪري چيو:

"خدا جو قسم، مون توهان ٻنهي کان زياده ڪوبہ عجيب آدمي نہ ڏٺو آهي. ۽ اي طائي تو وفاداري ۽

واعده وفائي ۾ اهو مقام حاصل ڪري ورتو آهي جو ڪوبه تو تائين رسي نٿو سگهي ۽ اهو فخر تولاءِ ڪافي آهي!

۽ اي شريڪ تو به شرافت ۽ ايثار ۾ حد ڪري ڇڏي. قرباني ۽ ڪرم جو جڏهن به ذڪر ٿيندو ته تنهنجو نالو ضرور ورتو ويندو - ۽ مان ان قربانيءَ جي صدقي ۾ اڄ کان پنهنجو يوم غضب منسوخ ڪريان ٿو ۽ هاڻي ڪڏهن به اهو ڏينهن نه ايندو!"

طائيءَ چيو: "بيوفا اهو ني ٿئي ٿو، جو لامذهب ٿئي ٿو!"

نعمان هنن ٻنهي دوستن کي گهڻا انعام ۽ اڪرام ڏئي رخصت ڪيو.

( ٤٧ )

# ڪافور جي وفاداري.

اسين ڪافور وٽ ويٺا هئاسون. هو مصر ۽ شام جو فرمانروا هو. هن جي دٻدٻي ۽ هيبت کان رعيت ڪنبندي هئي ۽ معاصر حڪمران تي به سندس عظمت ۽ جلال جو سڪو ڄميل هو. هو جو چاهيندو هو سو بنا روڪ ٽوڪ ڪندو هو. هر شهر ۽ هر ملڪ ۾ سندس نالي ۽ ڪمن جو چرچو هو. اسان ڪافور وٽ ويٺا هئاسون، ايتري ۾ دسترخوان وڇايو ويو ۽ طعام

آندا ويا. ڪاڏي ڪان فارغ ٿي اسان سيٺي سمهي رهياسون. جڏهن هو ننڊ مان بيدار ٿيو، تڏهن وچي سمهي رهيو. هن اسان کي گهرايو ۽ هڪ چٺي کي ڇپائين ته:

”تون فلاڻي پاڙي ۾ وڃ، اتي هڪ پوڙهو منجم رهي ٿو. جيڪڏهين اهو زنده هجي ته ان کي فوراً حاضر ڪر ۽ جيڪڏهن هو مري ويو هجي ته سندس مال ۽ اولاد جو پتو لڳاءِ ۽ حالت معلوم ڪر!“

اسان ڪافور جي ٻڌايل محلي ۾ وياسون ۽ پوڙهي منجم جي باري ۾ دريافت ڪيوسون. معلوم ٿيو ته ان جو انتقال ٿي چڪو آهي. پويان ٻه نياڻيون ڇڏيون اٿس، جن مان هڪ ته پرڻيل آهي، ليڪن ٻي اڃا ڪنواري آهي ۽ دوشيزگيءَ جي عمر ۾ آهي. اسان واپس موٽي اچي ڪافور کي سربستو احوال بنا گهٽ وڌ جي ٻڌايو.

اهو ٻڌي ڪافور ٻنهي لاءِ هڪ هڪ عمدو مڪان خريد ڪيو. ۽ اعليٰ درجي جا قيمتي وڳا جوڙايائين – ڪيترو ئي سون ڏنائين. پوءِ ننڍيءَ ڇوڪريءَ جي ڌام ڌوم سان شادي ڪرايائين ۽ ٻنهي ڀينرن لاءِ وظيفو به مقرر ڪيائين. ان واقعي ڪان پوءِ اهو مشهور ٿي ويو ته اهي ٻئي ڀينرون ڪافور جون رشتيدار آهن، ان ڪري هو انهن جو ايترو گهڻو خيال رکي ٿو.

جڏهن هو سيڪجهه ڪري چڪو، تڏهن هڪ ڏينهن هن اسان کان ڪلندي پڇيو ته: ”خبر اٿوَ ته اهو سيڪجهه مون ڇو ڪيو هو؟“

اسان چيو ته ”اسان کي ڪهڙي خبر؟“

ڪافور چيو: هڪ ڏينهن مان انهن ڇوڪرين جي پيءُ يعني ته انهي پوڙهي منجم وٽان لنگهيس، آءٌ ان زماني ۾ ابن عباس جو غلام هوس. منجم مون کي ڏسي چيو ته:

”اچو سائين ٿورو اسان وٽ ويهو!“

مان ويهي رهيس. منجم چيو: ”تون جلدي هڪ وڏو ماڻهو ٿي ويندين.“ پوءِ مون کي چيائين: ”ڪجهه مون کي ڏئي!“

مون وٽ رڳو ٻه درهم هئا، جي مون سندس تريءَ تي رکيا. هن چيو: ”آئون هيڏي وڏي خوشخبري تو کي ٻڌائي رهيو آهيان ۽ تون صرف ٻن درهمن ۾ مون کي ٽرڪائين پيو.“

پوءِ هو چوڻ لڳو: هاڻي آئون پنهنجي خوشخبري کي اڃا به وڌايان ٿو:

”خدا جو قسم تون هن ملڪ جو بادشاهه ٿيندين، جڏهن تون بادشاهه ٿين ته منهنجي ڳالهه ياد رکجانءِ ۽ مون کي وساري نه ڇڏجانءِ.“

مون جواب ڏنو: ”ائين ڪونه ٿيندو!“

هو چوڻ لڳو: ”مون سان واعدو ڪر.“

”مون هن سان واعدو ڪيو ۽ هن منهنجا ڏنل ٻه درهم مون کي موٽائي ڏنا!

پوءِ آئون دنيا جي ڪمن ڪارين ۾ مشغول ٿي ويس. عهدن ۽ امور مملڪت سان منهنجو تعلق وڌندو رهيو، آخرڪار اهو زمانو به آيو، جو آئون واقعي بادشاهه بنجي ويس، ليڪن انهيءَ ڊگهي مدت ۾ مون کي پوڙهو منجم هڪ دفعو به ياد نه پيو، مون کان هو بلڪل وسري ويو هو.“

اُن ڏينهن ڪاڏي ڪاٺ ڪان پوءِ جڏهن سُتس ته خواب ۾ ڏٺم ته پيڙو مون وٽ هلي آيو آهي ۽ فرمائي پيو ته: ”اهو تنهنجو واعدو ڪيڏانهن ويو؟ ڪجهه ياد آٿئي ته تو مون سان ڪو واعدو ڪيو هو؟ ڇا ان کي پورو ڪيئي؟ ڏس ڌوڪو نه ڪر ورنه توسان به ڌوڪو ڪيو ويندو.“

اهو ٻڌي منهنجي اک کلي پئي، پوءِ بيدار ٿي مون جيڪي ڪجهه ڪيو توهان کي اڳي ئي معلوم آهي.

( ۴٨ )

# حضرت زين العابدين رض جو عفو ۽ احسان

حضرت امام حسين عليه السلام جو صاحبزادو، حضرت امام زين العابدين رض هڪ ڀيري مسجد ڏانهن وڃي رهيو

ھو، تہ اٿري ۾ ھڪ ماڻھو سندن منھن چڙھيو جو خوامخواہ گاريون بڪڻ لڳو. حضرت امام رضه جن سان جيڪي خادم ھئا، تن چاھيو ٿي تہ ان کي پڪڙي خوب مار ڪٽ ڪن ۽ ايذاءُ پھچائين جيئن ان جو دماغ درست ٿي وڃي، ليڪن امام صاحب جن ان حرڪت کي معاف فرمايو ۽ ان شخص سان مخاطب ٿي چيائين:

"اي شخص، جيڪي ڪجھہ تو چيو، مان ان کان بہ زيادہ برو آھيان ۽ پنھنجي عيبن کي تو کان وڌيڪ ٿو ڄاڻان، جيڪڏھن تون نہ ڄاڻندو ھجين تہ آھي بہ تو کي ٻڌائي ڇڏيان."

اھو ٻڌي، اُن گاريون ڏيندڙ شخص جو ڪنڌ شرم کان جھڪي ويو! پوءِ حضرت امام جن ھن کي پنھنجو پھراڻ عطا فرمايو ۽ ھڪ ھزار درھم بہ ڏنا ۽ ھو شخص اٿين چوندو ويو تہ:

"آئون گواھي ٿو ڏيان تہ ھي نوجوان ابن رسول‌الله آھي."

( ۴۹ )

# نوشيروان ۽ سندس وزير بزرجمھر

نوشيروان عادل پنھنجي وزير بزر جمھر کان خفا ٿي پيو ۽ ھڪ نھايت ئي تنگ ۽ تاريڪ ڪوٺڙيءَ ۾ ھن

کي قيد ڪيائين ۽ حڪم ڏنائين تہ وزير کي سچو وقت هٿن ۾ هٿڪڙين ۽ پيرن ۾ بيڙين سان جڪڙيل رکيو وڃي ۽ کاڌي لاءِ صرف ٻہ گراهہ ماني جا ۽ پيئڻ لاءِ رکو بہ ڏيک پاڻيءَ جا ڏنا وڃن.

ڪيترائي مهينا اهڙيءَ طرح گذري ويا مگر بزرجمهر شڪايت جو حرف بہ زبان تي نہ آندو. اهو رنگ ڏسي نوشيروان، وزير جي ڪن سائين کي حڪم ڏنو تہ: "توهين وڃو، سندس حال دريافت ڪريو، پوءِ مون وٽ اچي پوري پوري ڪيفيت بيان ڪريو!"

بادشاهي حڪم ٻڌي، چند دوست بزرجمهر وٽ ويا. ليڪن اميد جي بلڪل خلاف ڏٺائون. ڇا تہ ڏٺو تہ هو تمام گهڻو هشاش بشاش، خوش ۽ مطمئن آهي." هنن کيس چيو تہ:

"اي سائين!- تون هن تنگ ۽ تاريڪ جاءِ ۾ هٿين پيرين جڪڙيل رهين ٿو. ڏک ۽ مصيبت جي زندگي بسر ڪرين ٿو، پوءِ بہ تنهنجو چهرو خوشيءَ سان پيو ٻهڪي. تنهنجي صحت بہ خراب نہ ٿي آهي. ائين ٿو معلوم ٿئي ڄڻ تہ تون اڳي وانگر پنهنجي مسند تي قائم آهين ۽ ڪنهن بہ تغير سان آشنا نہ ٿيو آهين- بلڪ سراسر عيش ۽ نعمت، سرور ۽ نشاط جي زندگي بسر ڪري رهيو آهين. آخر هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي؟"

بزرجمهر اهي سڀ ڳالهيون ٻڌندو رهيو، پوءِ هن پنهنجي دوستن کي چيو:

”موَن صبر جي هڪ دوا تيار ڪئي آهي جا پنجن جزن جي مرڪب آهي. هر روز ان مان هڪ شيءِ جو استعمال ڪندو رهان ٿو. اهو ئي سبب آهي جو توهان مون کي هن حال ۾ ڏسو ٿا.“

دوستن چيو:

”نه پوءِ اهو نسخو اسان کي به ٻڌايو، اگر وقت پوي ته اسان به اُن کي استعمال ڪريون!“

بزرجمهر چيو: ”ته پوءِ ٻڌو“.

١- پهرين شيءِ آهي الله تي مڪمل ۽ غيرمتزلزل ايمان.

٢- ٻي شيءِ آهي صبر ڪامل!

٣- گريه زاري يعني اجايو روئڻ پٽڻ کان پاسو ڪرڻ.

٤- چوٿين شيءِ اهو خيال آهي، ته جنهن حالت ۾ آهيان ان کان به بري حالت پيش اچي سگهي ٿي ۽ اها پيش نه آئي آهي، لهاذا موجوده حالت به شڪر ڪرڻ جي لائق آهي ۽ نه شڪايت ڪرڻ جي لائق.

٥- جو به لمحو گذري ٿو، اهو هن دور کي بهرحال گهٽائڻ ئي وارو آهي. ان ڪري جو وقت گذري پيو اُن تي خوشي پيو محسوس ڪريان.

جڏهن نوشيروان اهي ڳالهيون ٻڌيون تڏهن بزرجمهر کي آزاد ڪري، ان جي خاطر تواضع پهرين کان به باده ڪرڻ لڳو ۽ کيس وري به ساڳي منصب تي بحال ڪيائين.

( ٥٠ )

## عبدالمالڪ ۽ حجاج

خليفي عبدالمالڪ بن مروان، مسجد اقصيٰ جو هڪ دروازو تعمير ڪرايو. حجاج وري عقيدت طور ان جي سامهون هڪ ٻيو دروازو ٺهرايو.

هڪ دفعي ڪنوڻ ڪِري ۽ عبدالمالڪ جي ٺهرايل دروازي کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيائين. ليڪن حجاج بن يوسف جو تعمير ڪرايل دروازو بلڪل صحيح سلامت رهيو ۽ هڪ ذري به آنچ نه آيس. اهڙا ڳالهه عبدالمالڪ کي ڏاڍي ڏکي لڳي. ليڪن جلدي حجاج کيس هڪ خط موڪليو، جنهن ۾ لکيائين ته:

”ٻاڻ ٻئي آدم جي پٽن (هابيل قابيل) وانگر آهيون، جو هڪ جي قرباني قبول ٿي ۽ ٻئي جي نا قبول!“

اهو پڙهي، عبدالمالڪ جو صدمو لهي ويو ۽ خوش ٿيو ۽ محسوس ڪيائين ته صبر ڪيس سٺو ڦل ڏنو آهي.

( ٥١ )

## حضرت عمر رضه جو انصاف

عبدالله بن عباس رضه پنهنجي والد کان روايت ڪري ٿو ته: هڪ اونداهيءَ رات ۾ حضرت عمر جي

گهر ڏانهن هليس، جڏهن آءٌ رستي تي پهتس ته هڪ اعرابيءَ کي ڏٺم، جنهن منهنجو دامن پڪڙي ڇڪيو ۽ چيو ته:

”عباس مون سان گڏ اچ!“

مون اعرابيءَ کي غور سان ڏٺو، معلوم ٿيو ته هيءُ ته اميرالمومنين حضرت عمر رضه جن پاڻ آهن. هو ويس بدلايل هو. مان وٽي ويس ۽ سلام ڪري چيم:

”اميرالمومنين ڪٿي جي تياري آهي؟“

حضرت عمر رضه جواب ڏنو.

اڄ هن تاريڪ رات ۾، عرب قبيلن جي حالت جو جائزو وٺڻ گهران ٿو!“ حضرت عمر رضه اڳيان اڳيان هو، مان پٺيان پٺيان، هو هڪ هڪ گهر ۽ هڪ هڪ خيمي جو چڪر ڪاٽي رهيو هو، ايتري تائين جو جائزو تقريباً ختم ٿي ويو ۽ اسان واپس موٽڻ جو ارادو ڪيو. ايتري ۾ اسان ڏٺو ته هڪ تنبو آهي، جنهن ۾ هڪ پوڙهي مائي ويٺي آهي ۽ ان جي چوڌاري ڪجهه ٻار ٻه ويٺا آهن. سامهون چلهه ٻري پئي ٻري ۽ اُن تي هڪ هنڊي به چڙهيل هئي، ٻار ٻڙڪا پئي ڏنا ۽ پوڙهي مائي ٻارن کي چئي رهي آهي.

”بس ٿوري دير آهي، اجهو ٿي کچڻي تيار ٿئي، پوءِ ويهي کائجو!“

اسان اتي گهڻي دير تائين بيٺا هئاسون. حضرت عمر رض. ڪڏهن پوڙهيءَ مائيءَ کي ڏي غور سان ڏٺو ته ڪڏهن وري ٻارن کي، ايتري تائين جو تمام گهڻي دير گذري وئي، مون کين چيو ته:

"يا اميرالمومنين، توهان ڇو ترسي پيؤ، هاڻي گهر هليا هلو.

حضرت فرمايو:

"خدا جو قسم، آئون هتان چرندس به ڪونه، جيستائين ٻار ڪائي ٻي پيٽ نه پرين!" اسان ترسي پياسون.

گهڻي دير ٿي وئي ۽ اسين برابر بيٺا هئاسون ليڪن ڪاڏو اڃا تائين نه تيار ٿيو، ۽ ٻارن زور زور سان پئي رنو ۽ رڙيون ڪيائون. پوڙهيءَ وري پئي دلجاءِ ۽ تسلي ڏني.

"بس ٿوري دير اڃا، اڃهو تو ڪاڏو تيار ٿئي."

حضرت عمر مون کي چيو ته: "هلو ته اسان وٽس هلون" ائين چئي حضرت تنبوءَ جي اندر پهچي ويو. آئون به پٺيان ويوسانس.

حضرت عمر، دعا سلام ڪرڻ بعد پوڙهيءَ کان پڇيو ته "هي ٻار ڇو پيا روئين؟" ٻڍڙيءَ چيو:

"بک کان بيحال ٿي پيا روئين!"

حضرت عمر پڇيو 'هنديءَ ۾ جيڪي ڪجهه آهي سو ٻارن کي ڇو نٿي کارائي ڇڏين." پوڙهيءَ

روئڻ هارڪي ٿي چيو "هنديءَ ۾ آهي ئي ڇا؟ بس رڳو ڪَڪِريون آهن، ڇا آهي ڪارايان؟" حضرت عمر رض اڳيان وڌي هنديءَ جو ڍڪ لاهي ڏٺو، ته ان ۾ ڪڪريون پيون هيون ۽ رڳو پاڻي ائين ئي پئي اهارجو. حضرت عمر پڇيو "آخر ان سان تنهنجو مقصد ڪهڙو آهي؟"

ٻڍڙيءَ وراڻيو:

"ٻارن کي پئي وندرايان ته هنديءَ ۾ ڪاڌو پيو رڌجي. رڌجي وڃي ته پوءِ کائون. اهڙيءَ طرح وندرائيندي آهيان، جيستائين ٻار سڏڪايري سمهي پوندا آهن."

حضرت دريافت ڪيو ته "اوهان جي اها حالت ڇو ٿي آهي؟"

هن چيو: "نه مڙس، نه پيءُ، نه ڀاءُ ۽ نه ڪو ٻيو ويجهو مٽ مائٽ پوءِ مون کي پڇي ڪير؟"

حضرت عمر چيو: "اي مائي، اميرالمومنين عمر بن خطاب رض وٽ تو پنهنجو حال ڇو نه پيش ڪيو. هو ضرور تولاءِ بيت المال مان ڪجهه مقرر ڪري ڇڏي ها." چوڻ لڳي.

"خدا عمر رض کي غارت ڪري، خدا جو قسم هن مون تي ظلم ڪيو آهي. اهو ٻڌي حضرت عمر سڄو لرزجي ويو ۽ تمام نرميءَ سان پڇيائين "عمر توتي ڪهڙو ظلم ڪيو؟" هن چيو:

حاڪم جو فرض آهي تہ هو رعايا جي حال کان باخبر رهي. خدا چاهي ٻيون ڪيتريون سون وانگر بيپهچ عورتون هونديون. امير جو فرض آهي تہ هو بييارو مددگار ماڻهن جي خبرگيري ۽ انهن لاءِ ضرورت مطابق بيت‌المال مان رقم مقرر ڪري.

حضرت عمر ورائيو:

”چڱو مان اجهو آيس!“

عباس چوي ٿو:

اهو چئي حضرت عمر ٻاهر نڪتو، مان بہ ان سان گڏوگڏ هلندو رهيس. هاڻي رات جو آخري پهر وڃي باقي رهيو هو. اسان هلندا رهياسون، رستي ۾ ڪيترا ڪتا ڀونڪي رهيا هئا. ايتري تائين جو اسين بيت‌المال تائين پهچي وياسون. حضرت خود ان جو دروازو کوليو ۽ اڪيلو اندر داخل ٿي ويو. آئون بہ گڏوگڏ اندر پهتس.

اندر پهچي حضرت هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙائي. پوءِ هن هڪ وڏي اٽي سان ڀريل ڳوڻ کنئي ۽ پوءِ مون کي چيو:

”عباس ڳوڻ کي منهنجي ڪلهن تي رکاءِ!“ مون حڪم جي تعميل ڪئي! پوءِ فرمايائون.

”تون گيهہ جو ٿانءُ کڻ!“ مون ان حڪم جي

۽ تعميل ڪئي. پوءِ حضرت دروازو بند ڪيو ۽ اسان وري هلندا ٿياسون.

اتي جا ذرڙا سندن ڏاڙهيءَ تي، اکين تي ۽ پيشانيءَ تي ڪري رهيا هئا، مگر پاڻ برابر هلندا رهيا هو ڪافي ٿڪجي به پيا هئا، ڇاڪاڻ ته گهڻي مسافري طيءِ ڪرڻي هئي. مون هاڻ ڳوڻ جي بار کڻڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي پيش ڪيو. مون عرض ڪيو:

"يا اميرالمومنين منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان، مون کي ڏيو آئون کڻي هلان." حضرت عمر رضه چيو:

"خدا جو قسم، قيامت جي ڏينهن تون منهنجي جرم ۽ ظلم جو بار کڻي ڪونه سگهندين. اي عباس رضه، سمجهي ڇڏ، لوهه جي جبل برابر بار کڻڻ آسان آهي ليڪن ظلم جو بار کڻڻ گهڻو مشڪل آهي، پوءِ اهو ظلم ننڍو هجي يا وڏو ۽ خاص ڪري ان ٻيڙيءَ جو جيڪا پٺرپون آٻاري پنهنجي ٻارن کي دلاسو پئي ڏئي. الله رب ان ڪان ۽ وڏيڪ ڪو ظلم تي سگهي ٿو ڇا؟ اي عباس جلدي ڪر ۽ جلد هل. اٿين نه ته ٻي جو ٻار روئي روئي پاڻهي ٿڪجي سمهي پون جيئن سندن ماءُ چيو."

هاڻي حضرت عمر اڃا به تکو هلڻ لڳو ۽ آئون به ساڻن گڏ هوس. هو ٿڪجي ڇٽور تي پيو هو، جو ٻيڙيءَ جي تنبوءَ وٽ پهتو. حضرت ڪلهن تان اٽي

جي ڪوڙ لاٿي ۽ مون کيس جو ٣١٠٤ سامهون رکي ڇڏيو. حضرت عمر رضه اکيان وڌي، هن ڍيءَ ۾ پنهنجي پترين کي اڇلي ڇڏيو ۽ ان جي بدران هنديءَ ۾ کيس وڌائين. پوءِ اٿو ڪوهڻ لڳو. چلهه ۾ به باهه وسامي رهي هئي. پاڻ ٻڍڙيءَ کان پڇيائون ته "ڇا تو وٽ ڪانئون آهن" ماڻيءَ اشاري سان ٻڌايون. حضرت اٿيو ۽ ڪانئون کڻي آيو. ليڪن آهي آليون هيون. هيڏي چلهه تي رکي باهه ڏکڻ لاءِ منهن نوڙائي ڦوڪون ڏيندا رهيا. خدا جو قسم مون ڏٺو ته چلهه مان نڪتل دونهون، حضرت جي سونهاريءَ مان اندران ٿي ٿي نڪتو آخر گهڻي ڪوشش کان پوءِ باهه ٻري. حضرت حن کيس ۾ اٿو وجهي هلايو ۽ ڏوئيءَ کي ديڳڙيءَ ۾ وجهي گهمايائين پارن اچا ٿائين پڻي رڌو ۽ دانهون ڪيون ايستائين جو ڪاڏو تيار ٿي ويو. پوءِ ٻارن پيٽ ڀري ڪاڌو ۽ پوءِ کلندا ڪڏندا سمهي رهيا.

هاڻي حضرت ٻڍڙيءَ کي فرمايو ته:

"مان اميرالمومنين حضرت عمر رضه جو عزيز آهيان، مان ان سان تنهنجو حال بيان ڪندس. لهذا تون سڀاڻي سوير ئي دارالاماره ۾ پهچي وڃجئين، مان تو کي اتي ئي ڪڏبس، شايد خدا تنهنجي لاءِ ڪا بهتريءَ جي صورت پيدا ڪري!"

پوءِ حضرت رضه رخصت وٺي ٻاهر نڪتو، آءٌ به ڪڏو ڪڏ هوس حضرت جن چيو:

"اي عباس جڏهن مون ڏٺو ته هيءَ پوڙهي ڪنڪريون آباري ٻارن کي ڀئي وندرائي ته مون ائين محسوس ڪيو ته جڻ ٻيا ٻارڙن ۽ منهنجي پٽن تي پيا ڪرن. ايستائين جو مون اناج آندو ۽ مون ٻار نلاءِ ڪاڙو پڪايو ۽ پوءِ ٻار جڏهن خوش خوش ٿي سمهي رهيا، تڏهن مون محسوس ڪيو ته آهي پهاڙ منهنجي پٺ تان لهي ويا."

پوءِ مان حضرت جن جي گهر پهتس ۽ باقي رات اتي ئي گذاريم.

جڏهن صبح ٿيو، ته هوءَ پوڙهي عورت آئي حضرت کي ڏسي سڃاتائين ۽ ڊڄي ويئي. پاڻ هن کي معاف ڪري ڇڏيائون. پاڻ سندس ۽ سندس ٻارن جو مستقل وظيفو بيت المال مان مقرر ڪري ڇڏيو جو هر مهيني پابنديءَ سان هن کي ملڻ لڳو.

( ٥٣ )

# قاضي اياس جو انصاف

هڪ ماڻهوءَ ڪنهن شخص وٽ ڪجهه پئسا امانت رکيا. ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ پئسا طلب ڪيائين. مگر هن انڪار ڪري ڇڏيو. ٻئي ڄڻا وڙهندا قاضي اياس وٽ پهتا.

مدعيءَ چيو: ”مون هن شخص وٽ پئسا رکيا هئا!“

قاضي: ”ڪو شاهد؟“

مدعي: ”مون فلاڻي جاءِ تي ڪيس پئسا ڏنا هئا، مگر ڪو به ٻيو ماڻهو اتي موجود ڪونه هو!“

قاضيءَ پڇيو: ”ان جاءِ تي ٻيو ڇا هي؟“

مدعي چيو: هڪ وڻ.

قاضي: ”تون ان وڻ وٽ وڃ ۽ وڻ کي وڃي جاچي ڏس شايد خدا تعاليٰ تو تي ڪا اهڙي ڳالهه منڪشف ڪري، جا حق کي ثابت ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهي. ممڪن آهي ته تو پنهنجو مال اتي ئي وڻ هيٺ دفن ڪري ڇڏيو هجي، ليڪن وسري ويو هجيئي ۽ وڻ تي نظر پوڻ سان توکي ياد پئجي وڃي!“

مدعي ويو هليو.

قاضيءَ جوابدار کي چيو ته: ”جيسين تائين فريادي موٽي نه اچي تيسيتائين تون اتي ئي ويٺو هج!“ هو ويهي رهيو.

اياس ٻين مقدمن کي فيصل ڪرڻ ۾ لڳي ويو ليڪن ٿوري ٿوري دير کان پوءِ هن کي به ڏسندو رهيو.

ڪجهه وقت رکي هن پڇيو:

”اي شخص — ڇا هاڻي فريادي انهيءَ وڻ تائين پهچي ويو هوندو؟“

جوابدار هڪدم ورائيو تہ: ”نہ سائين! اڃا نہ!“

قاضيءَ چيو: ”اي عبدالله بيشڪ تون خيانت ڪندڙ آهين.“

جوابدار چيو: ”مون کي معاف ڪريو، خدا اوهان جون غلطيون معاف ڪندو.“

ٿوري دير بعد مدعي بہ اچي ويو.

قاضيءَ اياس چيو تہ ”هن شخص، تنهنجي دعويٰ تسليم ڪئي آهي، هاڻ تون پنهنجي امانت ڪانئس واپس وٺي وڃ.“

(٥٣)

## عدل جو شان

حڪم بن هشام، بنو اميہ خاندان مان هو ۽ اسپين تي حڪومت پئي ڪيائين. تمام وڏڙ اخلاق جو مالڪ هو. ڪنهن آفيسر، هڪ شخص جي ڪنيز جاريہ ڦري، حڪم کي تحفي طور خدمت ۾ پيش ڪئي.

اهو شخص قرطبہ جي قاضيءَ وٽ انصاف لاءِ حاضر ٿيو. هن پنهنجي ڪنيز سان ٿيل سموري ماجرا ڪري ڪري ٻڌائي ۽ حڪم جي آفيسر طرفان ٿيل ظلم ۽ زبردستي جي سڄي روئداد بيان ڪئي.

قاضيءَ هڪدم خليفي کي عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم موڪليو. جڏهن حڪم حاضر ٿيو. قاضيءَ چيو:

”عدل تيستائين پورو ٿي نہ سگهندو، جيستائين آها ڪنيز نہ حاضر ڪئي وڃي-لهاذا اي حڪم يا تہ تون جاريہ کي حاضر ڪر ورنہ سود کي پنهنجي منصب تان معزول ڪري ڇڏ.“

حڪم چيو: ”ڇا ان کان ڪا بهتر صورت نٿي نڪري سگهي.“

قاضيءَ پڇيو: اهو ڇا؟

حڪم جواب ڏنو: ”ڇوڪريءَ جي مالڪ کان تمام وڏي رقم ۾ آن کي خريد ڪيو وڃي.“

قاضيءَ چيو تہ ”سيئي گواه موجود آهن، ۽ صورتحال اسان جي اڳيان آهي، ان ڪري ڪوبہ سودو ٿي نٿو سگهي، سواءِ ان جي تہ عدل نافذ ڪيو وڃي. انصاف ملنوي نہ ڪيو وڃي ۽ حقدار کي بنان چون ۽ چران جي سندس حق ڏنو وڃي.“

حڪم، قاضيءَ جي حڪم جي تعميل ڪندي، محل مان ڪنيز کي گهرائي ورتو ۽ قاضيءَ صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪئي وئي. شاهدن شاهدي ڏني تہ ها، اها ئي جاريہ آهي، جنهن جي متعلق دعويٰ ٿي آهي.

قاضيءَ حڪم ڏنو، تہ:

”ڇوڪري سندس مالڪ جي حوالي ڪئي وڃي!“

جاري ھڪڙ نه جي مالڪ وٽ پهچي ويو ۽ ڪيتري عرصي تائين اسپين جا ماڻهو انهيءَ "عدل جي ڪهاڻي" ھڪٻئي کي ٻڌائيندا رهيا.

( ٥٤ )

# فاتح مڪي جو عفو ۽ درگذر

مڪي جي قريشين آنحضرت کي طرحين طرحين جون تڪليفون ۽ اذيتون ڏنيون هيون. پاڻ سڳورا صبر ۽ شڪر سان سندن زيادتين کي برداشت ڪندا رهيا. ايتري تائين جو آخرڪار کين مڪي مان هجرت ڪري مديني وڃڻو پيو.

پوءِ ڪجهه عرصي بعد، پاڻ ڪريم مڪي ۾ هڪ فاتح جي حيثيت ۾ داخل ٿيا. مسلمان سپاهي ۽ مجاهد مڪي جي گهٽين ۾ گهمي رهيا هئا. هلالي جهنڊو هر پاسي لهرائي رهيو هو. هاڻي سارو شهر سندن قبضي ۾ هو. مڪي ۾ رهندڙ هر شخص جي زندگي سندن رڳو هڪڙي اک جي اشاري سان ختم ٿي سگهي ٿي. مڪي جا رهندڙ اهي ماڻهو هئا، جن کين تمام خراب تڪليفون ۽ اذيتون پهچايون هيون. پاڻ سڳورن جي توهين ڪئي هئي. سندن راهه ۾ ڪنڊا وڇايا هئا. سندن جان وٺڻ جون سازشون ڪيون هيون. مسلمانن کي تپندڙ واريءَ تي ليٽايو هو ۽ انهن جي ڇاتين تي گرم

پٽر رکيا هئا. مطلب ته مسلمان ٿيندڙ کي انتهائي ظلم جو شڪار ٿيڻو پيو ٿي.

مطلب ته هڪ فاتح جي حيثيت ۾ جڏهن آنحضرت جن مڪي ۾ داخل ٿيا، تڏهن پاڻ انهن ساڳين ماڻهن کي مخاطب ٿيندي فرمايو: "توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ آئون اڄ توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪندس؟"
ماڻهن ڏڪندڙ آواز ۽ ٿڙ ڪندڙ جسم سان جواب ڏنو:

"توهان ڪريم ابن ڪريم آهيو."

اهو ٻڌي پاڻ فرمايائون:

"وڃو توهان آزاد آهيو."

۽ اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو جن جون دليون خوف کان ڌڙڪي رهيون هيون، جن کي موت نچندو نظر آيو ٿي، جي پنهنجي زندگيءَ کان مايوس ٿي چڪا هئا، جن جو مستقبل سندن اعمالن وانگر سياه ۽ تاريڪ هو، سي هڪدم مسرور ۽ شادان بڻجي آٿي ڪڙا ٿيا.

هاڻي موت هنن کان پري وڃي چڪو هو. زندگيءَ جي نعمت وري هنن کي موٽي ملي هئي. مستقبل جي تاريڪي روشنيءَ سان بدلجي چڪي هئي ۽ هو سزا ۽ عقوبت جا مستحق هئڻ جي باوجود به، لطف ۽ ڪرم جي دولت سان سرفراز ڪيا ويا.

ڇا دنيا جي تاريخ ۾ عفو ۽ درگذر جو اهڙو هڪ مثال به ملي سگهي ٿو؟

( ۵۵ )

# سلطان صلاح‌الدين جو انصاف

قدس شريف ۾، هڪ ڏينهن قاضي عدالت ۾ ويٺو هو، جو مشهور واپاري عمر خطاطي آيو ۽ هن پنهنجو مقدمو پيش ڪيو.

قاضيءَ پڇيس ته: "تنهنجو حريف ڪير آهي؟"

چوڻ لڳو: سلطان صلاح‌الدين. عدالت انصاف جو گهر آهي ۽ مون ٻڌو آهي ته توهان ڪنهن سان رو رعايت نٿا ڪريو.

قاضيءَ دريافت ڪيو: ڪهڙي معاملي ۾ تنهنجو جهڳڙو آهي؟

چيائين: منهنجو هڪ غلام هو، انهيءَ حالت ۾ ئي هن جو انتقال ٿي ويو. هن وٽ گهڻي ئي دولت هئي، جنهن جو هو مالڪ هو. ان دولت جو هاڻي آءٌ مالڪ آهيان. ليڪن سلطان ان تي قبضو ڪري ورتو آهي ۽ آئون اهو ئي مطالبو ڪئي آيو آهيان.

قاضيءَ پڇيو: مقدمي پيش ڪرڻ ۾ ايتري دير ڇو ڪيئي؟

چوڻ لڳو: دير سان حق باطل ته نه ٿي ويندا آهن. هيءَ مون وٽ ثبوت موجود آهي، ته مرڻ وقت تائين هو منهنجو غلام هو!

قاضيءَ ثبوت جا ڪاغذ ڪڍي ورتا، ان ۾ غلام جي شڪل شباهت درج هئي ۽ اهو به هو ته، فلاڻي واپاري کان فلاڻي ڏينهن ۾ فلاڻي تاريخ ۽ سن، هيتري قيمت ۾ خريديو ويو. انهيءَ غلاميءَ جي حالت ۾ فلاڻي تاريخ کان ٻه هن کان جدا ٿي ويو. ليڪن ڇو جدا ٿي ويو، ان جو ڪوبه ذڪر ڪاغذن ۾ ڪونه هو.

قاضيءَ مدعيءَ کي چيو:

"هن مقدمي جي سماعت ان وقت تائين نٿي ٿي سگهي جيستائين جوابدار به موجود نه هجي!"

ان ڪري معاملو سلطان ڏانهن رجوع ڪيو ويو. ۽ سيئي تحريري شاهديون کيس پڙهي ٻڌايون ويون، هن جڏهن اها تاريخ ٻڌي ته چيائين:

"هي سڀ غلط آهن. فلاڻي تاريخ تي مان مصر ۾ هئس ۽ هو غلام به منهنجي ملڪيت ۾ مون سان گڏ هو. مون انهيءَ تاريخ ۽ سن کان کيس گهڻو اڳي خريد ڪيو هو. هو ان وقت تائين منهنجي ملڪيت ۾ رهيو جيستائين مون کيس آزاد نه ڪري ڇڏيو."

پوءِ سلطان پنهنجي بچاءَ ۾ اڪابرن، مجاهدن ۽ عالمن کي گواهه طور پيش ڪيو، جن سيني سلطان جي دعويٰ جي تائيد ۾ شاهدي ڏني اها ڪارروائي ڏسي دعويٰ ڪندڙ شخص ڏاڍو مغموم ٿيو.

قاضي سلطان کي چيو،

”هن شخص اهو سڀڪجهه سلطاني رحم ۽ شاهي بخشش حاصل ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو ۽ هيڏو ڪشالو ڪڍي هتي پهتو. هن وقت اوهان به موجود آهيو ۽ هيءُ به ۽ اهو سڀ نتو لڳي ته هي شخص انس ني ناڪام ۽ نامراد ٿي هتان هليو وڃي.“

سلطان چيو ”اها ئي ڳالهه آهي!“

پوءِ حڪم ڏنائين ته هن شخص کي خلعت سان سرفراز ڪيو وڃي ۽ کيس انعام ۽ اڪرام ڏنا وڃن.

( ٥٦ )

# خليفي جو باغي

ڪوفي جو هڪ شخص، خارجين سان ملي حڪومت ڏاهڻ جي سازشن ۾ سرگرمين ۾ شريڪ ٿي ويو. خليفه منصور سندس قتل جائز ڪري ڇڏيو ۽ اعلان ڪيائين ته جيڪو به شخص کيس زنده يا مرده آڻيندو، ان کي هڪ لک درهم انعام ملندو.

ڪجهه عرصي بعد اهو شخص بغداد ۾ اچي رهيو ۽ لڪي ڇپي پيو شهر ۾ گهمندو هو. ڪوفي جي هڪ ماڻهوءَ، جو اڳ ۾ ئي کيس چالندو سڃاڻندو هو،

هڪ ڀيرءِ بازار ۾ ڪٿي ڪريبان ڪان جهليئينس ۽ وٺي دانهون ڪيائين ته:

”هيءُ اميرالمومنين جو باغي آهي.“

ايتري ۾ هن جهليل شخص، گهوڙي جي ٽاپن جو آواز ٻڌي اوڏانهن ڪنڌ ڦيرايو، ته ڏٺائين ته معن بن زائده اچي رهيو آهي. هو يڪدم ان سان فرياد ڪرڻ لڳو ۽ چيائين:

”مون کي پناهه ڏيو، خدا اوهان کي ان جو اجر ڏيندو.“ باغيءَ کي جيڪو شخص جهليو بيٺو هو. تنهن سان معن مخاطب ٿيو ۽ پڇيائين:

”تون ڪير آهين؟“ ۽ هن شخص کي ڇو پڪڙيو اٿئي؟“

هن چيو:

”هيءُ شخص اميرالمومنين جو باغي آهي. جنهن جو خون پاڻ جائز قرار ڏنو اٿن ۽ هن کي پڪڙي اچڻ لاءِ هڪ لک درهم مقرر ڪيا اٿس.“

معن اهو ٻڌي چيو:

”هن کي ڇڏي ڏي“ پوءِ پنهنجي غلام سان مخاطب ٿيو ”تون پنهنجي گهوڙي تان لهي وڃ ۽ هن شخص (باغي کي) ويهڻ ڏي!“

جنهن ماڻهوءَ باغيءَ کي پڪڙيو هو، سو زور زور سان دانهون ڪرڻ لڳو ۽ ماڻهن کان مدد گهرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو.

”هيءُ شخص منهنجي ۽ اميرالمومنين جي باغيءَ جي وچ ۾ رڪاوٽ بڻجي پيو آهي.“

معن چيو: ”تون وڃ ۽ اميرالمومنين کي اطلاع وڃي ڏئي ته باغي مون وٽ آهي!“

هو ماڻهو فوراً منصور وٽ پهتو ۽ کيس ساري ماجرا ٻڌايائين.

منصور حڪم ڏنو ته: ”معن کي هيڏانهن جو هيڏانهن گهرايو وڃي!“

جڏهن معن کي منصور جو حڪم پهتو تڏهن هن پنهنجي عيال، مائٽن، دوستن ۽ سائين کي گڏ ڪيو ۽ چيائين ته:

”جيستائين توهان جيئرا آهيو تيستائين هن شخص کي ڪو به زخم نه اچي.“ پوءِ معن منصور ڏانهن روانو ٿيو ۽ دربار ۾ پهچي خليفي کي سلام ڪيو ليڪن منصور جواب ڪونه ڏنو ۽ چيائين:

”اي معن، ڇا هاڻي تنهنجي جرئت ايتري وڌي وئي آهي؟“

معن چيو: ”جي هائو، يا اميرالمومنين!“

خليفي چيو: "۽ پوءِ وري آن تي هاڪار ٻ؟"
معن جواب ڏنو.

"ڇا مون کي اوهان اهڙو ٻه نٺا سمجهو، جو هڪ شخص کي منهنجي خاطر بخشي ڇڏيو، جنهن کي آئون پناهه ڏئي چڪو آهيان. جيتوڻيڪ هن منهنجي پناهه رکو ان کري ورتي آهي، جو آئون اميرالمومنين جي غلامن مان هڪ آهيان. انهيءَ اعزاز کري هو سون مان اهڙي توقع رکي سگهي ٿو. ليڪن آئون حاضر آهيان، جو سلوڪ ٻه توهان مون سان روا رکو ان لاءِ تيار آهيان."

ٿوري دير تائين منصور سر جهڪايو ۽ پوءِ سر مٿي کنيائين. هاڻي سندس غصو رفع ٿي چڪو هو.

هن چيو: "اسان تنهنجي ڳالهه مڃيسون."

معن عرض ڪيو:

"پوءِ باغيءَ کي جان بخشيءَ کان سواءِ ٻيو ٻه ڪجهه صلي ۾ ڏيو، جو کيس مستغني کري ڇڏي!"

منصور چيو: "اسان پنج هزار درهم ڏيون ٿا!"

معن: "انعام گناهه جي مناسبت سان هئڻ کپي. جيترو گناهه وڏو آهي اوترو ئي انعام ٻه وڏو هئڻ گهرجي."

منصور چيو: "چڱو هڪ لک درهم!"

معن اها سموري دولت ڪٺي ڪهر ڏانهن پهتو، جا هن شخص جي حوالي ڪيائين ۽ چيائين.

”هي تنهنجي بغاوت جو صلو آهي. پنهنجي ٻچن سان وڃي آرام سان زندگي بسر ڪر ۽ هاڻي ڪڏهن به خليفي جي مخالفت نه ڪجئين.“

( ٤٧ )

# ڇا سيئي ڇوڪريون هڙو هار پائينديون؟

حضرت علي رضه خليفةالمسلمين هو ۽ ابن ابيرافع بيت‌المال جو محافظ ۽ نگران مقرر ٿيل هو. انهي بيت‌المال ۾، موتين جو هڪڙو هار هو، جو بصره جي جنگ مان حاصل ٿيو هو. رافع کي حضرت علي رضه جي صاحبزادي نياپو موڪليو ته:

”مون کي معلوم ٿيو آهي ته اميرالمومنين جي بيت‌المال ۾ موتين جو هڪڙو هار آهي ۽ اهو تنهنجي قبضي ۾ آهي. اهو قرض طور مون کي موڪل عيد جي ڏينهن آئون پائينديس ۽ پوءِ واپس موڪلي ڏينديس!“

رافع اهو هار موڪلي ڏنو ۽ جواب ۾ چوائي موڪليائين ته ”اي بنت اميرالمومنين، هن هار کي ٽن ڏينهن کان پوءِ واپس ڪجؤ.“

هار جڏهن گهر ۾ پهتو تڏهن، اميرالمومنين جي نظر ان تي پئجي ويئي، جنهن ڏيءُ کي چيو:

”هي هار تو وٽ ڪٿان آيو؟

هن چيو: ”هيءُ ابن ابي رافع، کان مون ٿي قرض طور گهرايو آهي. عيد جي ڏينهن ان کي استعمال ڪنديس ۽ پوءِ واپس موڪلي ڏينديس.“

اميرالمومنين فوراً رافع کي سڏايو ۽ چيائين ”ابن ابي رافع هاڻي تون خيانت به ڪرڻ لڳو آهين.“

هن عرض ڪيو: ”معاذالله!“

حضرت علي رضه فرمايو:

”پوءِ تو اميرالمومنين جي نياڻي کي هار قرض طور ڪيئن ڏئي ڇڏيو؟ حالانڪ نه مون کان اجازت ورتئي ۽ نه عوام کان!“

هن گذارش ڪئي:

”يا اميرالمومنين هوءَ اوهان جي صاحبزادي آهي. هن مون کان قرض طور هڪ شيءِ گهري، مون ڏئي ڇڏي ان شرط تي ته ٽن ڏينهن ۾ صحيح ۽ سالم مون کي موٽي ملندي.“

ارشاد ڪيائين: ”هاڻي ٿي واپس وٺي وڃ ۽ وري جيڪڏهن اهڙي حرڪت ڪئي اٿئي ته پوءِ منهنجي سزا کان بچي نه سگهندين.“

پوءِ فرمايائين تہ: اگر منهنجي نياڻيءَ هيءَ هار قرض طور نہ گهرايو هجي ها تہ پوءِ هيءَ پهرين هاشمي ڇوڪري هئي، جنهن جا هٿ آئون چوريءَ جي الزام ۾ ڪٽايان ها."

اها ڳالهہ اميرالمومنين جي نياڻي تائين پهتي. هن پنهنجي پيءُ کي چيو:

"يا اميرالمومنين آئون اوهان جي ڌيءَ آهيان، اوهان جي ئي جسم ۽ جان آهيان، پوءِ مون کان وڌيڪ ڪير ان جو مستحق آهي؟"

حضرت عليءَ فرمايو:

"اي ابن ابي طالب جي ڌيءَ، ڇا مهاجرن ۽ انصارن جون سڀئي ڇوڪريون عيد تي اهڙو هار پائينديون؟"

( ٥٨ )

# "ڪنهن بازي کٽي؟"

هڪ دفعي خليفي منصور، ابن عاص کي گرفتاريءَ لاءِ انعام رکيو ۽ چيائين تہ جيڪو شخص ان کي پڪڙي ايندو اهو وڏي رقم جو مستحق بڻبو. ابن عاص هڪ شاهوڪار شخص ۽ عزت وارو ماڻهو هو. ليڪن خليفي جي شدت طلب ۽ سزا جي امڪان کان گهٻرائجي ويو. آخرڪار ويس بدلائي هڪ اٺ تي ويٺو ۽ هڪ

محفوظ مقام ڏانهن راهه ورتائين، جيئن اتي ئي مقيم ٿئي ۽ ڪنهن جي هٿ نہ اچي سگهي.

جڏهن باب حرب تائين پهتو، جو بغداد جو هڪ محلو آهي. تہ ڏٺائين تہ هڪ شخص، جنهن کي چيلهہ سان تلوار ٻڌل هئي، سو سندس پٺ لڳو اچي. جڏهن ابن عاص گهوڙو ٻنڌ هلي آيو ۽ اڪيلو رهجي ويو، تڏهن هن پيچي ڪنڌ آڏ جي نڪير پڪڙي ورتي ۽ ان کي ويهاريائين. پوءِ ابن عاص کي هٿ کان جهلي ورتائين، تنهن تي هن چيو:

”ڇا ڳالهہ آهي؟“

هن چيو: ”تو کي ئي اميرالمومنين ڳولي رهيو آهي؟“

ابن عاص چيو: ”مان اهڙو ڪير اچي لٿو آهيان، جو اميرالمومنين کي منهنجي ڳولا هوندي؟“

هو چوڻ لڳو:

”ڇا تون ابن عاص نہ آهين؟“ هن جواب ڏنو. ”خدا کان ٻج ڪٿي ابن عاص ڪٿي آئون.“

اجنبي چيو: ”اهي ڳالهيون ڇڏ، خدا جو قسم آئون تو کي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو، تو کان بہ وڌيڪ، جيترو تون پنهنجو پاڻ کي سڃاڻين تنهن کان وڌيڪ!“

جڏهن ابن عاص ڏٺو تہ هيءَ ڪنهن بہ طرح، سندس پيڇو نٿو ڇڏي، تڏهن چيائينس تہ:

”هي جواهرن جو هار اٿئي، جنهن جي قيمت، ان انعام کان ٻه ڀيڻي آهي، جيڪو منصور سون کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڏيڻو ڪيو آهي. هي وٺي وڃ ۽ مفت ۾ منهنجو خون نه ڪراءِ!“

هن چيو: ”ڏئي اهو هار.“

ابن عاص اجنبيءَ کي هار ڏئي ڇڏيو. هو ڪجهه دير تائين ان کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ چيائين ته: ”هن جي قيمت جي باري ۾ تو جيڪي ڪجهه چيو، سو بلڪل ٺيڪ آهي، ليڪن توکي منهنجي هڪڙي سوال جو جواب ڏيڻو پوندو. تڏهن ئي آئون توکي ڇڏيندس.“

ابن عاص پڇيو: ”ڪهڙو آهي اهو سوال؟“

هن چيو: ”ماڻهو تنهنجي سخا جي ڏاڍي تعريف ڪن ٿا. مون کي ٻڌاءِ ته ڇا هي هار ڏئي تو مون کي پنهنجي سموري دولت ڏئي ڇڏي؟“

ابن عاص چيو: ”بلڪل نه!“

هن پڇيو: ”ڇنگو اڌ؟“

ابن عاص چيو ته: ”هار جي قيمت، منهنجي دولت جي اڌ برابر به ڪونهي.“

اجنبي وري دريافت ڪيو: ’ڇنگو چوٿون حصو؟“

هن چيو ته: ”اهو به نه.“

اجنبي سوال ”ڀلا ڏهون حصو آهي؟“

ابن عاص وراڻيو ”ها، ڏهون حصو ڏينداس.“

اهو ٻڌي اجنبي چوڻ لڳو.

”اها ته ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي، خدا جو قسم ابو جعفر منصور مون کي صرف ويهه درهم ڏيکار تو ڏني ۽ هن هار جي قيمت لکين درم آهي. ليڪن پنهنجي مقابلي ۾ منهنجي سخا ڏس. هي هار آئون توکي بخشي ڇڏيان ٿو جيئن دنيا ڄاڻي ته پاڻ ٻنهي ۾ زياده سخي ڪير آهي؟“

پوءِ هن هار منهنجي جهوليءَ ۾ وجهي ڇڏيو، ان جي نڪير ڇڏي ڏني ۽ پنهنجو رستو وٺي هلڻ لڳو.

ابن عاص چيو: ”انهيءَ ذلت جي مقابلي ۾ قتل ٿي وڃڻ بهتر آهي، تو جيڪي ڪجهه ڏنو آهي سو واپس وٺ، آئون ان کان بي‌نياز آهيان!“

هو ڪلندو چوندو ويو ته ”تون مون کان وڌيڪ سخي بنجي، مون کي پنيلائڻ ٿو چاهين. والله مان هرگز نه وٺندس.“ ۽ اجنبي اکين کان غائب ٿي ويو.

(٥٩)

# نالائق اولاد

هڪ دولتمند واپاري پوڙهو ٿي ويو هو. هن جا عضوا ڪمزور ٿي ويا هئا ۽ طاقت جواب ڏئي وئي

پاڻ ۾ ورهائي ڪٿن. ان ڪري گهڻي اشتياق ۽ اهتمام سان صندوق کوليائون، ليڪن ڇا ڏٺائون، جو ان ۾ سون ۽ چاندي جي بدران پٿر پريا پيا هئا ۽ پٿرن ۾ هڪ چٺي بہ پئي هئي. چٺي کولي پڙهيائون، ان ۾ لکيل هو تہ:

”الله تعاليٰ کي اها طاقت آهي جو، هو سون ۽ چاندي بدلائي، نالائق اولاد واسطي پٿر ۽ ٺڪر ڪري ڇڏي ٿو.“

ٻيڙي جي پٽن مايوس ٿي پٿر اڇلائي ڇڏيا. اصل واقعو هيئن هو، جو پيءُ پٽن جي نالائقيءَ کان متاثر ٿي، آها رقم هڪ يتيمخاني کي ڏئي ڇڏي هئي ۽ صندوق ۾ پٿر پري ڇڏيا هئا.

( ٦٠ )

# خليفو ۽ ڪوتوال

خليفي مهدي جي زماني ۾ ڪوتوالي جو منصب عبدالله بن مالڪ جي هٿ ۾ هو. مهدي ڪوتوال کي سندس فرزند ۽ گادي نشين جي باري ۾ سدائين هدايت ڪندي چوندو هو تہ ”ابن مالڪ، تو کي حڪم ٿو ڏيان تہ مهدي جي فلاڻن فلاڻن دوستن ۽ مصاحبن کي گرفتار ڪري جيل ۾ وجهہ ـ انهيءَ سان سختيءَ جو برتاءُ ڪر.

چاڪاڻ جو اهي هاديءَ جا اخلاق بگاڙين پيا."

ابن مالڪ خليفيءَ جا احڪام بنان دير جي تعميل ڪندو هو.

هادي وري سندس دوستن جي سفارش ڪوتوال سان ڪندو هو. ۽ چوندو هو ته: "تون منهنجي گرفتار ٿيل ساٿين سان سهڻي سلوڪ جو برتاءُ ڪر ۽ ساڻن هرڪا رعايت ۽ سهولت ڪندو ڪر." ليڪن ابن مالڪ شهزادي مهدي جي سفارش تي ڪڏهن به توجه نه ڏنو ۽ پنهنجو ڪم خليفي مهدي جي هدايتن مطابق ڪندو رهندو هو.

آخرڪار اهو زمانو به آيو، جو مهدي جو انتقال ٿي ويو ۽ هادي خلافت جي تخت تي ويٺو. هاڻي ڪوتوال کي يقين ٿي ويو، ته جاڻ ته قتل ڪيو ويندس ۽ موت کان ڪيس ڪو به بچائي نٿو سگهي. هڪ ڏينهن هاديءَ ابن مالڪ کي سڏايو. هو سر سان ڪفن ويڙهي ونس پهتو. هن ڏٺو ته، هادي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو آهي ۽ قتل جي وقت، جنهن چمڙي تي مقتول کي ويهاربو آهي، سو سندس اڳيان وڇيو پيو آهي ۽ تلوار سندس هٿ ۾ هئي. منهن تي ڪاوڙ جا آثار هويدا آهن. ابن مالڪ اچي سان خليفي کي اسلام عليڪم چيو.

خليفي جواب ڏنو:

"خدا توکي سلامت نه رکي!"

پوءِ چيائين: ”ڇا توکي ياد آهي ته حزالي کي امير المومنين (مرحوم خليفي) گرفتار ڪرايو هو. مون توسان ان جي سفارش ڪئي هئي. پر تو ذرو توجه نه ڏنو؟ — ۽ رڳو اهو نه بلڪ تو منهنجن پنهنجن به فلاڻن فلاڻن دوستن ۽ مصاحبن کي خليفي جي حڪم سان گرفتار ڪيو ۽ تو انهن کي تڪليفون ڏنيون ۽ منهنجي سفارش جو ذرو به لحاظ نه رکيو.“

هن چيو: ”ها اميرالمومنين مون کي سڀ ياد آهي! ڇا توهان مون کي ڪجهه عرض ڪرڻ جي اجازت مرحمت فرمائيندا؟“

خليفي ڪڙڪيدار آواز ۾ پڇيو: ”ڇا تو چوڻ چاهين؟“

ڪوٽوال چيو: ”خدا اميرالمومنين کي سلامت رکي. اهو ارشاد فرمائين ته اگر توهان به مون کي ساڳي انهيءَ منصب تي بحال رکو، جنهن تي آئون مرحوم اميرالمومنين جي عهد ۾ فائز هوس. توهان مون کي حڪم ڏيو ته فلاڻي سان سختيءَ سان سلوڪ ڪريو. ان کي جيل ۾ وجهو ۽ توهان جا صاحبزادا مون کي چون ته هنن کي ڪجهه به نه ڪريو — پوءِ آئون ڇا ڪريان؟ توهان جو حڪم مڃان يا توهان جي صاحبزادن جو؟ ڇا توهان جي نافرماني ڪريان؟“

خليفي هاديءَ چيو: ”هرگز نه!“

ڪوٽوال جنهن تي ورائيو:

”بس، تہ جهڙو اوهان جـي والد جـو وفادار هوس تهڙو ئـي توهان جـو رهندس، ليڪن توهان جـي اولاد جو نہ!“

خليفي ابن مالڪ کي هٿ سان قريب اچڻ جـو اشارو ڪيو ۽ هن هڪدم هٿ وجي چميو. پوءِ خليفو خوش ٿي ويو ۽ ڪوتوال عافيت ۽ اطمينان سان خدمت انجام ڏيندو رهيو.

( ٦١ )

# احمد بن طولون

مصر جو والي احمد بن طولون، هڪ وڏو جابر، ظالم ۽ خونخوار هو. ليڪن ڪنهن ڪنهن وقت نهايت عادلانہ فيصلا بہ ڪندو هو.

هڪ دفعي ابن طولون جي پٽ عباس هڪ ڳائڻيءَ کي گهرايو. اهڙي وقت جڏهن، شراب ۽ ڪباب جي شغل ۾ رڌل هو.

ڳائڻي پنهنجي ڳائڻ وڄائڻ جـو ساز و سامان هڪ غلام جي ڪلهن تي رکايو، عباس جي محلات ڏانهن وڃي رهي هئي. شهر جي هڪ متقي ۽ پرهيزگار شخص ڳائڻيءَ کي ايندو ڏٺو. جنهن هڪدم سيئي ساز ۽ سامان غلام جي ڪلهن تان لاهـي پچي پرزا پرزا ڪـري

چڙيا. عباس ڀـيءُ وٽ آيـو ۽ کيس ان واقعي جـو اطلاع ڏنو:

ابن طولون حڪم ڏنـو تـہ ان شخص کـي حاضر ڪيو وڃي. جڏهن هو سامهون آيو تہ خليفي پڇيس:

”ڇا تو رباب ڀڳو؟“

مرد صالح وراڻيو تہ ”ها!“

خليفي پڇيو تہ ”تو کي خبر آهي تہ تو اها حرڪت ڪنهن سان ڪئي؟“

هن جواب ڏنو ”هاـــ اهو اوهان جـو پٽ عباس هو، جنهن جي رنگ ۾ ڀنگ وجهڻ جو ڏوهاري آهيان.“

خليفي چيو: ”تـو ان ڪري بہ سندس عـزت نہ ڪئي، جو هو منهنجو پٽ آهي.“

مرد صالح جواب ۾ چيو تہ:

”مان سندس ڪهڙي عزت ڪريان ها، حالانڪ هو خدا جي گناهہ جو مرتڪب ٿي رهيو هو. ڇـا توهان نٿا چاهيو تہ جتي خدا جي نافرمانيءَ جو امڪان هجي، اُتي مخلوق جي اطاعت نہ ڪرڻ کپي، خواه اهو ڪيڏي بہ وڏي شخصيت چونہ هجي.“

خليفي ڪنڌ ڪٺي جهڪايو ۽ پوءِ چيو:

”آئون هر نافرمانيءَ جـي سزا ڏئـي رهندو آهيان، ليڪن هن معاملي ۾ توسان گڏ آهيان.“

( ٦٢ )

# برو نتيجو

هڪ شخص پنهنجو غلام وڪيو. ٻئي شخص آهو غـلام خريد ڪيو. پهرين شخص رقـم وٺندي خريدار کي چيو تہ:

”هن غلام ۾ ڪو بہ عيب ڪونهي. ليڪن هڪ برائي ضـرور اٿس.“ خريدار پڇيو اهڙو ڪهڙو عيب آهي؟“

وڪڻندڙ چيو: ”لائي چائي.“

خريدار چيو: ”ڪوبہ هـرج ڪونهي، آئون سندس لائي چائي تي ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏيندس.“

ڪجهہ عرصي تائين تہ غلام پنهنجي آقا وٽ شرافت سان گذاريو، ليڪن هڪڙي ڏينهن هو مالڪ وٽ آيو ۽ کيس تمام رازدارانہ انداز ۾ چيائين:

”توهان جـي زال توهان کـي قتل ڪـري، ٻئي ماڻهوءَ سان شادي ڪرڻ جي فڪر ۾ آهي!“

مالڪ پڇيس ”توکي ڪيئن خبر پئي.“ غلام جواب ڏنو ”توهان تي پاڻهي ظاهر ٿيندو تہ آئون سـچ چئي رهيو آهيان يا ڪوڙ، ٿورو انتظار ڪري ڏسو.“

پوءِ هـو غلام پنهنجي آقا جـي زال وٽ آيـو ۽ رازدارانہ لهجي ۾ چيائين تہ ”توهان جـو مڙس، توهان

کي طلاق ڏيڻ لاءِ سنبريو ويٺو آهي ۽ هڪ ٻي عورت سان شادي ڪرڻ جو پروگرام پيو بنائي. ڇٺو ته آئون ڪو ٽوٽو ڦيٽو بڌايانو؟ جيئن توهان وري مڙس جي محبت حاصل ڪري سگهو.

عورت چوڻ لڳي: ”ها ڀلي، جيڪڏهن تون ان ۾ ڪامياب وئين ته توکي ججهو انعام ڏينديس.“

غلام چيو: ”هيئن ڪريو جو، هن جي ڏاڙهيءَ جا هيٺيان ٽي وار سون کي آڻي ڏيو. پوءِ ڏسو ڪهڙو نه ڪرشمي جهڙو ڦيٽو ٽو بڌايانو.“

رات جو زال مڙس جا وار پٽڻ جي ڪوشش ڪئي. هو اڳ ۾ ئي خبردار هو. هن کي يقين ٿي ويو ته غلام سندس زال جي باري ۾ سچ ٿئي چيو. لهاذا هن تلوار سڌي ڪري زال کي قتل ڪري ڇڏيو. اها خبر جڏهن سندس سالن کي پئي، ته آهي به ڊوڙندا آيا ۽ اچي مڙس کي قتل ڪري ڇڏيائون.

( ٦٣ )

# حقيقي پٽ

هڪ واپاريءَ جو انتقال ٿي ويو، جنهن پنهنجي پٺيان ڪافي دولت ڇڏي هئي. کيس رڳو هڪ ئي پٽ هو، جو ڪانئس پوءِ وارث بڻجي سگهيو ٿئي، ليڪن

اُهو ڪافي عرصي کان لاپته هو. ۽ هاڻي ڪنهن جي ذهن ۾ سندس شڪل جي ياد ڪانه رهي هئي.

ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ ٽن نوجوانن، مرحوم واپاريءَ جي پٽ هجڻ جي دعويٰ ڪئي. هو ٽيئي قاضيءَ وٽ آيا ۽ پنهنجو مقدمو پيش ڪيائون. قاضيءَ واپاريءَ جي تصوير گهرائي ۽ چيو:

”جيڪو هن تصوير تي، بندوق جو ٺيڪ نشانو لڳائيندو، سو ئي وارث مقرر ڪيو ويندو.“

ٽنهي مان ٻه ڄڻا تيار ٿي ويا، ليڪن ٽيون پريشان ٿي پيو—منهن تي غم ۽ فڪر جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳس، سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ چيائين ”ناممڪن آهي، جو آئون پنهنجي بابي سائين جي تصوير کي نشانو بڻايان، خواه اُها هڪ سادي ڪاغذ تي ڪڍي چونه هجي—مون کي پرواهه ناهي، جيڪڏهن منهنجي ميراث ضايع ٿي وڃي.“

قاضيءَ سمجهي ورتو ته اهوئي هن جو پٽ ۽ حقيقي وارث آهي، ۽ ميراث جو فيصلو به سندس حق ۾ ڏنائين.

( ٦٤ )

# توکي ڪڏهن به ساڃهه ڪانه ايندي

هڪڙو پيءُ پنهنجي پٽ کي هميشه چوندو هو ته ”توکي ڪڏهن به ساڃهه ڪانه ايندي!“

هڪڙي دفعي آخرڪار پٽ پيءُ کان ناراض ٿي، اُهو گهر ته ڇڏيئين پر شهر مان ئي لڏي ويو. قسمت سندس سات ڏنو ۽ هو ڪجهه عرصي بعد گورنر مقرر ڪيو ويو. جنهن شهر ۾ سندس پيءُ رهندو هو، هن اتي جي ڪوتوال کي فرمان موڪليو، ته هو سندس والد کي فوراً گرفتار ڪري هتڪڙيون هڻي وٽس موڪلي.

ڪوتوال فورا حڪم جي تعميل ڪئي، جڏهن هو پهتو ته، پٽ ملازمن کي چيو ته:

"هن جون هتڪڙيون لاهي ڇڏيو. حمام ۾ وٺي وڃوس سٺا ڪپڙا پهرائي، پوءِ مون وٽ آڻيوس!"

ان حڪم جي به تعميل ڪئي ويئي. جڏهن پيءُ پٽ آمهون سامهون ٿيا، تڏهن پيءُ کي پٽ چيو: "ڇا توهان مون کي سڃاتو؟"

"هن جواب ڏنو "نه!"

پٽ چيو: "آئون توهان جو فلاڻو پٽ آهيان، جنهن جي باري ۾ توهان چوندا هئا ته "ڪڏهن به ساڃهه ڪانه ايندس" هاڻي ٻڌايو ته اوهان ڇا پيا ڏسو، مون ترقي ۽ فلاح ڪونه پاتو آهي. ڪهڙو رايو آهي توهان جو؟"

پيءُ جواب ڏنو:

"مان پنهنجي راءِ تي اڃا به قائم آهيان. سعادتمند پٽ پنهنجي پيءُ سان اهڙو نِاروا سلوڪ ڪونه ڪندا آهن، جو تو مون سان ڪيو آهي. "تو کي ڪڏهن به ساڃهه نه ايندي."

( ٦٥ )

# امام ابوحنيفه ۽ سندس پاڙيسري

امام ابو حنيفه رحه جي پاڙي ۾ هڪ شخص رهندو هو، جنهن جو شهر ۾ دڪان هو، هو سڄو ڏينهن بازار ۾ پنهنجي دڪان تي ڪم ڪندو رهندو هو ۽ جڏهن رات ٿيندي هئي ته، شراب، گوشت ۽ مڇي پاڻ سان وٺيو ايندو هو. اچڻ سان گوشت پچائڻ ۽ مڇي پچڻ ۾ لڳي ويندو هو، پوءِ خوب ڪائيندو پيئندو هو ۽ ان بعد شراب جا جام هڪٻئي مٿان اوتڻ لڳندو هو. جڏهن نشي ۾ گهڻو بدمست ٿي ويندو هو، ته فحش ڳانا زور زور سان ڳائڻ لڳندو هو ۽ جڏهن ڳائيندي ڳائيندي ٿڪجي پوندو هو، ته سمهي پوندو هو.

امام ابو حنيفه ساري رات عبادت ۽ رياضت ۾ بسر ڪندو هو. سموري رات پنهنجي شرابي پاڙيسريءَ جون دانهون ڪوڪون ٻڌندو هو، ليڪن سدائين خاموش رهندو هو. هڪڙي رات امام صاحب جي ڪنن، هن جو آواز نه ٻڌو. صبوحَ جو پاڻ پڇا ڪيائون:

”ڇا ڳالهه آهي رات ڪان اسان جي پاڙيسريءَ وٽ ماٺ لڳي پئي آهي؟“

امام ابو حنيفه کي ٻڌايو ويو ته هن کي رات جو گرفتار ڪيو ويو، هاڻي هو حوالات ۾ بند آهي. اهو

پڙي، پاڻ فجر جي نماز پڙهي ختم ڪئي ۽ پوءِ خچر تي سوار ٿي، حاڪم جي در تائين اچي دم پٽيائون. حاڪم کي جڏهن اطلاع مليو ته امام صاحب جن اچي رهيا آهن، تڏهن حڪم ڏنائين، ته کين اندر تائين سواريءَ تي اچڻ ڏيو. جڏهن پاڻ ويجهو پهتو ته حاڪم سندن استقبال ڪيو ۽ پنهنجي مسند تي کين ويهاريائون ۽ پوءِ ادب سان پڇيائون:

”منهنجي لائق ڪا ڪار خدمت؟“

امام ابو حنيفه رحه فرمايو:

”منهنجي هڪ پاڙيسري کي، توهان جي سپاهين گرفتار ڪيو آهي، مان چاهيان ٿو ته کيس آزاد ڪيو وڃي.“

حاڪم چيو:

”سائين جن جو حڪم اکين تي. اوهان جي تشريف آوري جي اعزاز ۾ جيترا به ماڻهو رات گرفتار ٿيا هوندا سڀني کي آزاد ڪري ڇڏيان ٿو.“

پوءِ حاڪم جي حڪم مطابق، انهيءَ رات ۾ سڀني گرفتار ٿيلن کي آزاد ڪيو ويو ۽ سڀئي پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن خوش ٿيندا ويا.

امام صاحب واپس وڃڻ لڳو ۽ پٺيان پٺيان سندس پاڙيسري به هلندو رهيو. جڏهن هو پنهنجي گهر جي دروازي تائين پهتو ته پاڻ فرمايائون:

”نوڪي وڃائي، اسان کي گهڻي تڪليف برداشت ڪرڻي پئي.“

هو چوڻ لڳو:

”توهان منهنجي حفاظت ڪئي، منهنجي نگهباني ڪئي - خدا اوهان کي خير ۽ برڪت جي جزا ڏئي. توهان جي پاڙي ۾ رهڻ ڪري مون کي ڪيڏو فائدو پهتو. خدا جو قسم اڄ کان پوءِ شراب جو هڪ ڦڙو به ڪونه پيئندس.“

اهو پاڙيسري توبهه تي آخري وقت تائين قائم رهيو ۽ پوءِ هن ڪڏهن به نه شراب پيتو ۽ نه وري ڪڏهن گوڙ شور ڪيو.

( ٦٦ )

# اسلمي ۽ مطلب

يثرب ۾ هڪ شخص رهندو هو، جنهن جو نالو اسلمي هو. هن تي ڏينهون ڏينهن قرض جو بار وڌندو ويو، جن ماڻهن جي رقم وٽس رهيل هئي، انهن جي گُهر تمام شديد صورت اختيار ڪندي وئي. هيڏو وسيع ملڪ به هن پاڻ تي تنگ محسوس ڪيو، ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيس ته ته ڇا ڪري ۽ ڪهڙيءَ طرح ان مصيبت مان جان آزاد ڪرائي. هڪ گهري ۽ قابل اعتماد دوست مان

مشورو ڪيائين. جنهن رايو ڏنس ته عراق وڃي ڪيس مهلب بن ابي صفره سان ملڻ گهرجيس. ليڪن اسلمي دوست کي چيو ته ”تو مون کي تمام ڏکيو رستو ڏيکاريو آهي، جنهن تي آءٌ هلي نه سگهندس.“ ائين چئي هو وري مشوري جي لاءِ هڪ ٻئي دوست وٽ ويو، جو به نهايت ئي سچار ۽ مخلص هو. هن کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين، جنهن به ساڳي راءِ ڏنس، جهڙي پهرين دوست ڏني هئس.

آخرڪار اسلمي سوچيو ته جيئن ته ٻنهي جي هڪجهڙي راءِ آهي ته پوءِ ڪيس ان مشوري تي عمل ڪرڻ کپي. هو جلدي اٺ تي سوار ٿي عراق ڏانهن ويو. اتي پهچڻ کان پوءِ سڀني کان پهرين مهلب سان گڏيو ۽ کيس سلام ڪري چيائين ته: ”خدا امير کي شاد ۽ بامراد رکي- آئون مسافريءَ جون تڪليفون سهندو يثرب کان اوهان تائين پهتو آهيان. ڪن دوستن صلاح ڏنم ته توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿي پنهنجي مصيبتن جو ذڪر ڪريان، جيڪڏهن توهان مون کي ڪم اچو ته نوازش ۽ جيڪڏهن ائين مناسب نه سمجهو تڏهن به ڪا شڪايت نه رهندي.“

اهو ٻڌي مهلب پنهنجي حاجب کي چيو ته:

”هن کي وٺي وڃ ۽ امان جي خزاني ۾ جيترو به ۽ جيڪي ڪجهه آهي سو ڪيس ڏئي ڇڏ!“

حاجب، اسلميءَ کي خزانہ ڏانهن وٺي ويو. اتي اهي درهم موجود هئا، جي سيٺيءَ کيس ڏنا ويا. جڏهن هن هيڏي رقم پنهنجي قبضي ۾ ڏٺي تڏهن سندس خوشيءَ جي ڪا انتها نہ رهي. پوءِ وري هو محلب وٽ آيو. جنهن ڏسڻ سان پڇيس:

"توهان جي ضرورت پوري ٿي يا نہ؟"

هن چيو: "اي امير مون کي ضرورت کان بہ وڌيڪ ملي ويو."

محلب چيو "الحمدﷲ".



(ختم شد)

# پڙھندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڳڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نـہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪِڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نـہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها تـوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)